Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078

جلد: 27 ڇنڇر 22 فيبروري 2025ع بمطابق 23 شعبان المعظم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 100

سنڌ جي مخالفت باوجود ارسا پاران چولستان ڪينال لاءِ پاڻي فراهمي جي منظوري



ارسا سيڪريٽري پنجاب حڪومت چولستان منصوبي لاءِ 4 لک 50 هزار ايڪڙ فٽ پاڻي ڪي پاڻي دستيابي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو

ارسا جي منظوري ڪانپوءِ پنجاب حڪومت ستلج سليمانڪي هيڊ ورڪس مان چولستان ڪئنال ڪيندي

سيڪريٽري ارسا جنهن پاڻي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو رڳو ستلج درياهه جو نه آهي: سنڌ جو ميمبر

پاڻي ڏيڻ جي منظوري سان متفق ناهيان، چولستان منصوبي کي پاڻي ڏيڻ سان سنڌ درياهه جو پاڻي گهٽجي ويندو: احسان لغاري

اسلام آباد (م ر د) سنڌوءَ مان نون ڪينالن ڪڍڻ خلاف جاري احتجاجي تحريڪ باوجود انڊس ريور سسٽم اٿارٽي (ارسا) چولستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران سنڌ جي شاگردن کي اسڪالر شپ ڏيڻ جو اعلان

سنڌ ۽ بلوچستان حڪومت اوپي پي تحت شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪيا آهن: بلاول

3 اسڪالرشپون شهيد بينظير ڀٽو اسڪالرشپ تحت عورتن لاءِ ۽ 3 اسڪالرشپون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسڪالرشپ تحت ڏنيون وينديون: اسٽيفن بليٽ

اسڪالرشپون سنڌ جي شاگردن کي دنيا جي بهترين تعليمي اداري ۾ پڙهڻ جا موقعا ڏينديون: مراد علي شاهه

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ آڪسفورڊ پاڪستان پروگرام طرفان سنڌ جي شاگردن لاءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ گريجوئيٽ اسڪالرشپن جو اعلان ڪيو ويو باصلاحيت شاگردن لاءِ 6 گريجوئيٽ اسڪالرشپون/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

درياهه تي ڌاڙي خلاف نڪتل پي ٽي آءِ جي مارچ جي بدين، ٽنو، ماتلي ۽ سجاول ۾ شاندار آجيان

حڪمرانن اقتدار خاطر سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪيو آهي: حليم عادل

عمران خان هن ملڪ کي بحرانن مان ڪڍي سگهي ٿو، عوام هاڻي مايوس ٿي چڪو آهي

درياهه مان ڪئنالن کي ڪڍيو ويو ته سڄي سنڌ بنجر ٿي ويندي، عوام خاموش نه ويهندو: مختلف هنڌن تي خطاب

سجاول/ ٽنو/ بدين/ ماتلي/ (نمائندن وٽان) (پي ٽي آءِ پاران درياهه تي ڌاڙي حوالي سان عوامي رابطه مهم جي سلسلي ۾ ڪراچي کان نڪتل احتجاجي مارچ ٺٽي، سجاول کان، بدين کا ن/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سنڌ هاءِ ڪورٽ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عدالتي شيڊول جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عدالتي شيڊول جاري ڪري ڇڏيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ملير عدالت ۾ حب ڪار ريلي حادثي ڪيس جي ٻڌڻي، پوليس کي نوٽيس

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي عدالت ۾ حب ڪار ريلي حادثي واري ڪيس جي ٻڌڻي، پوليس هڪ مهيني/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

بدين: پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ مارچ کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: عالمي بئنڪ جو وفد سنڌ جي وزيرن سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نيشنل پارٽي پاران چولستان ڪئنال لاءِ سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جي مذمت

ارساچيئرمين پنجاب جي ڌر بڻجي ويو آهي، فيصلو قبول ناهي: نائب صدر

سنڌ اسيمبلي جو فوري طور اجلاس گهرائي ارسا جي فيصلي خلاف ٺهراءُ پاس ڪيو وڃي

ڪراچي (پ ر) نيشنل پارٽي سنڌ جي صدر تاج مري /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

لنڊن: بلاول ۽ مراد علي شاهه جو آڪسفورڊ يونيورسٽي جي دوري دوران ورتل گروپ فوٽو

سنڌ حڪومت پاران هر سال 6 شاگردن کي آڪسفورڊ لاءِ اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان

سائنس، انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ ميٿ جي شعبن ۾ اسڪالرشپ ڏني ويندي: سمعتا

هر سال ٽي شاگردن کي شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسڪالرشپ ڏني ويندي: ترجمان

ڪراچي (م ر د) سنڌ حڪومت جي ترجمان سمعتا افضال /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ٽرانسپورٽ کاتي جي ڪارروائي، 53 گاڏيون تحويل ۾ ورتيون، 15 ڊرائيور گرفتار

ڪريڪ ڊائون دوران مجموعي طور تي 1115 گاڏين جي جاچ ڪئي وئي

565 گاڏين کي ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي چالان ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

شبلي فراز، شير افضل مروت کي پارٽي مان ڪڍڻ وارو سوال گول ڪري ويو

مروت کي ڇو ڪڍيو (صحافي جو سوال) ڪو اهم سوال ڪريو: شبلي فراز

اڊيالا جيل جي ٻاهران ڪيمپ لڳائڻ جو فيصلو پارٽي ڪندي: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ر د) پي ٽي آءِ اڳواڻ شبلي فراز، شير افضل/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ورلڊ بينڪ وفد پاران سنڌ جي صوبائي وزيرن سان ملاقات، منصوبن بابت بريفنگ

ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير وارو منصوبو عالمي سطح تي ماڊل قرار

25 رڪني وفد وزيراعليٰ هائوس پهتو، شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه مهمانن جي آجيان ڪئي

شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه ۽ چيف سيڪريٽري ورلڊ بينڪ وفد کي منصوبن حوالي سان بريفنگ پڻ ڏني

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) ورلڊ بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرن جي وفد پڻ ڏهاڪن بعد پاڪستان جو دورو ڪيو ٻوڏ متاثرين لاءِ گهرن جي تعمير واري منصوبي بابت بريفنگ کان پوءِ هنن منصوبي کي عالمي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

چيف جسٽس سان پي ٽي آءِ وفد جي ملاقات، باني سميت مختلف معاملن تي شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي 7 رڪني وفد چيف جسٽس پاڪستان يحيٰ آفريدي سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران عدالتي سڌارن ۽ ٻين اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. چيف جسٽس پي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ٽيڪس نيٽ ۾ موجود ريٽيلرز تي وڌيڪ بار نه وجهنداسين: وزيراعظم

پاڪستان ريٽيل بزنس ڪونسل جي چيئرمين زيد بشير جي اڳواڻي ۾ وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي

استعمال ٿيل شين جي نالي تي ٽينڊڙ سمگلنگ کي روڪڻ لاءِ به قدم تيز ڪيا پيا وڃن: شهباز شريف

مقامي صنعت کي نئين ٽيڪنالاجي اختيار ڪري پنهنجي شين جي برآمد وڌائڻ گهرجي

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ٽيڪس نيٽ ۾ موجود ريٽيلرز تي وڌيڪ بار نه/ڏسو صفحو 2 بقايا 35

جسقم پاران ڀيرلوءِ باءِ پاس تي سنڌوءَ مٿان 6 ڪئنال اڏڻ خلاف ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو

سکر (رپورٽ: عمرسومرو) جسقم پاران نيشنل هائي وي ڀيرلوءِ بائي پاس سنڌوءَ مٿان ڇهن ڪئنالن ڪڍڻ خلاف ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پنهل/ڏسو صفحو 2 بقايا 36

جسقم پاران هنيل ڌرڻي جو ڏيک

برطانيا ۾ آرمي چيف جو وار منسٽر ۽ لارڪ هل گيريزن جو دورو

آرمي چيف کي برٽش فوج ۽ ڊيپ ريس اسٽرائيڪ برگيڊ بابت بريفنگ ڏني وئي: آءِ ايس پي آر

عاصم منير دوري دوران برٽش آرمي جي مختلف سسٽمز ۽ اي آءِ ٽيڪنالاجي جو به مشاهدو ڪيو

لنڊن (م ر د) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير برطانيا جي دوري دوران وار منسٽر ۽ لارڪ هل گيريزن جو دورو ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سنڌ سرڪار پاران ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪائونسل کي فعال ڪرڻ جو فيصلو

وڏي وزير جي مددگار محمد عثمان غني هنگورو جي صدارت هيٺ سپلاءِ اينڊ پرائسنگ ڊپارٽمينٽ جو اجلاس ٿيو

ضلعي سطح تي ڪميٽيون ٺاهيون ويون، ڪميٽيون منافع خورن ۽ ذخيرون ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪنديون

سنڌ ۾ ضروري شيون خريد ڪندڙ صارفين جي حقن بابت هر مهيني هڪ آگاهي مهم هلائي پئي وڃي: بريفنگ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت مهانگائي ۽ ذخيره اندوزي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ضلعي سطح تي ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪائونسل کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

فريال ٽالپر سان بلوچستان وڏي وزير جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

مير سرفراز بگٽي صوبي ۾ جاري ترقياتي ڪمن ۽ سياسي صورتحال کان آگاهه ڪيو

بلوچستان صوبي جي ترقي جي لاءِ هر ممڪن قدم پڻ کنيا ويندا: فريال ٽالپر

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) فريال ٽالپر سان بلوچستان جي وزيراعليٰ مير سرفراز بگٽي جي زرداري هائوس ڪراچي ۾ ملاقات ٿي گذري. /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ڪراچي: سرفراز بگٽي جو فريال ٽالپر سان ملاقات بعد ورتل گروپ فوٽو

پنجاب ڏيڍ صدي کان پاڻي سلسلي ۾ سنڌ سان ويساهه گهاتي ڪري پيو: اياز لطيف

سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ اٿندا ته حڪمرانن جا رستا ئي بند ٿي ويندا

جيڪڏهن ڪئنال نهي ويا ته سنڌ تباهه ٿي ويندي. سنڌ جي زرعي معيشت تباهه ٿي ويندي

سنڌ جي زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي، ڪٽڪ جو اگهه هٿرادو گهٽ ڪيو ويو آهي

حيدرآباد (بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي زراعت کي/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

”زمينن تي والار ۽ ڪئنال نامنظور“ مٽياري ۾ جسقم جي ريلي

ڪارڪنن ذوالفقار ڏيٿو، شهزاد، مرتضيٰ ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو لڳو ته لکين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي ويندي: ذوالفقار ڏيٿو

ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي والار ٿي رهي آهي: شهزاد سنڌي

سنڌو ديش مقدر آ
ڪينال سمورا نامنظور، سنڌو تي ڌاڙو نامنظور
سنڌ جي زمين تي ڌاڙو نامنظور
پاران:- جسقم تعلقه مٽياري

مٽياري: جسقم پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) سنڌو مان غيرقانوني ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف جسقم ضلع مٽياري پاران ريلي احتجاجي/ڏسو صفحو 3 بقايا 41

ايڪسائيز کاتي 20 ڏينهن دوران موٽر وهيڪل ٽيڪس ۽ ڏنڊ صورت ۾ 1.6 ڪروڙ رپيا وصول ڪيا، ترجمان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) : صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايت تي، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن کاتي سنڌ جي روڊ چيڪنگ/ڏسو صفحو 3 بقايا 42

ڪمپيوٽيشنل سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي موضوع تي ڪيل ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جو افتتاح

نوجوانن کي ڏسڻ ۽ سوچڻ گهرجي ته دنيا ڪٿي بيٺي آهي ۽ اسان ڪٿي آهيون: وائيس چانسلر

هي ڪانفرنسون نوجوانن لاءِ نئون ڪجهه سکڻ جو موقعو هونديون آهن، نوجوان عمل ڪن: ڊاڪٽر طحه حسين

ڪمپيوٽر سسٽم، سافٽ ويئر ۽ مصنوعي ذهانت هاڻي گڏيل آهن: ڊاڪٽر جوردي گارشيا ۽ ٻين جو خطاب

ڄامشورو (ڊ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۽ اقرا يونيورسٽي ڪراچي پاران ڪمپيوٽيشنل سائنس ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

ڪنڌڪوٽ لڳ پنجاب واسي اغوا ٿيڻ کان بچي ويا

مهر دراني پوليس ناڪابندي ڪري آصف علي ۽ ناصر کي بچايو

ٻنهي پنجاب واسي ڪاروبار سانگي ڪچي ۾ وڃي رهيا هئا: پوليس

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا 44

ڪنڌڪوٽ: اغوا کان بچي ويل پنجاب واسي پوليس تحويل ۾ آهي

جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ پاران مقتول سنجي ڪمار جي فرزند آريان ڪمار سميت ٻين وارثن سان ڏک جو اظهار

پوليس سنجي ڪمار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪک ڀڃي ٻيٽو ناهي ڪيو: ڪاشف سعيد

حڪومت بيان بازي کان اڳتي وڌي ڪري لاڙڪاڻي سميت اپر سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ ڌوهارين خلاف جوڳا قدم نه کنيا ته حڪمرانن جو گهيراءُ ڪبو

سنڌ پوليس پنهنجي نااهلي جي ڪري ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي ڪچي وانگر ڌوهارين جو ڏيهه بڻائي ڇڏيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ڪراچي: جماعت اسلامي وفد سنجي ڪمار جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڄامشورو طرفان ريلي ڪڍي وئي، نعري بازي

ڄامشورو (شعيب حاڪم چانڊيو) ڄامشورو ۾ سنڌي ٻولي/ڏسو صفحو 3 بقايا 47

ٻهرام پرسان روڊ حادثو، پورهيت فوت، گهرواري زخمي

ٻن موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ ذوالفقار جاگيراڻي فوت ٿي ويو

صائمه خاتون کي طبي امداد جي لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ٻهرام پرسان ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻهرام پرسان ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي فلاحي منصوبن کي بند نه ڪبو: ترجمان

ميڊيا تي آيل خبرن ۾ ڪنهن به قسم جي صداقت نا هي عوام ڌيان نه ڏي

ملازمن جي ڪنهن به حق کي نه ماريو ويندو، پريشان ٿيڻ جي ڳالهه ناهي: بيان

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ جي فلاحي منصوبن کي بند ڪرڻ جون افواهون بي بنياد آهن. مزدورن جي حقن تي ڪو به سمجهوتو/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

گهوٽڪي ضلعي ۾ 3 ڏهاڙن وارو اسپورٽس فيسٽيول اڄ کان شروع ٿيندو

سنڌ جي راندين جو وزير سردار محمد بخش مهراڄ منجهند 12 وڳي ان جو افتتاح ڪندو

ڀهراڙي جون عورتون ڀهريون پيرو، ڪرڪيٽ، باڪسنگ ۽ ٻين راندين ۾ صلاحيتن جو مظاهرو ڪنديون

ڪراچي، (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جون ڀهراڙي جون عورتون ڀهريون پيرو، ڪرڪيٽ، باڪسنگ، والي بال، هاڪي ۽ ٿرو بال سميت راندين ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

اوٻاوڙو پرسان ننڍي ڀاءُ هٿان وڏو ڀاءُ قتل، ڪارڻ معلوم نه ٿيو

ڳوٺ سانوڻ ٻمڀ ۾ هاشم وڏي ڀاءُ عظيم ٻمڀ تي پسٽل جو فائر ڪيو

پوليس مڙهه ضروري ڪارروائي کان پوءِ وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ڍرڪي (وجي ڪمار چاولا) اوٻاوڙو ٿاڻي جي حد ۾ نارو واهه پرسان ڳوٺ سانوڻ ٻمڀ ۾ ننڍي هاشم ٻمڀ پنهنجي وڏي ڀاءُ عظيم ٻمڀ کي پسٽل/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سيوهڻ: ڳوٺاڻا جوابدارن جي گرفتاري لاءِ انڊس هاءِ وي تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

رمضان ۾ پاڻي فراهمي يقيني بڻائي ويندي: ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن

پاڻي جي لائينن ۾ موجود سمورين ليڪيجز کي ختم ڪيو پيو وڃي: اسدالله خان

گلشن اقبال ۽ پيلي ڪوٺي لياقت آباد ۾ متاثر ٿيل پاڻي جي لائينن تي ڪم ڪيو ويندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان چيو آهي ته رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني جي دوران سڄي/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

قاضي احمد ۾ سڄاڻ ڌرين جي قومي ڪارڪن جي گرفتاري خلاف ريلي

عامر عمراڻي کي ڪنيي گم ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا: زيب جتوئي

قومي ڪارڪنن نوجوانن کي ڪنيي سندن چچريل لاش ڏنا وڃن ٿا: سڄاد انڙ

قاضي احمد (غلام حسين راهو) قومي ڪارڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

جي يو آءِ اڳواڻ تي فائرنگ ڪندڙ گرفتار نه ٿيا

مولانا عبدالله مهر سان ايم پي اي محمد عارف خان مهر به ملاقات ڪئي

پوليس ڌوهارين اڳيان بيوس بڻيل آهي: جي يو آءِ اڳواڻ مولانا عبدالله مهر

لکي غلام شاهه (رپورٽ گوگي رام) جي يو آءِ ضلع شڪارپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو پاران نواب شاهه ۾ مستحق ماڻهن ۾ سولر سسٽم ڪٽ تقسيم

شهيد راڻي جي مشن مطابق غريب عوام جي گهر گهر روشني پهچائي رهيا آهيون: عذرا پيچوهو

سولر سسٽم ڪٽ جي ورهاست ٻهراڙي جي عوام جي زندگي کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش آهي

ضلعي شهيد بينظيرآباد جي 6600 گهرن ۾ سولر سسٽم ڪٽ تقسيم ڪيون وينديون

نواب شاهه (ڊ ر) صوبائي وزير صحت ۽ پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو اڄ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تحت ايڇ ايم خواجا آڊيٽوريم /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

”سنڌي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو“ نوشهروفيروز ۾ ساس جي ريلي

هزارين سال قديمي ٻولين کي قومي جو درجو نه پيو ڏنو وڃي: امجد ميمڻ

سنڌي کي قومي ٻولي جو درجو ملڻ تائين جدوجهد تان هٿ نه کڻبو: يونس راڄپر

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ٻولين جي عالمي ڏينهن تي سنڌي ادبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو

نوشهروفيروز: ساس پاران قومي ٻولي جي جاڳرتا بابت احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيوهڻ لڳ زمين جي مالڪي تان هٿيارٻندن جي هوٽل تي فائرنگ، 3 ڄڻا زخمي، انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

ڳوٺ ڳاڙهي واري وٽ زمين جي مالڪي تان هٿيارٻندن هوٽل تي ويٺل ملاح برادري جي ماڻهن تي فائرنگ ڪئي

گولين لڳڻ سبب رحيم بخش، ڪمال ۽ ذوالفقار ملاح زخمي ٿيا، طبي امداد جي لاءِ عبدالله شاهه ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ منتقل

ڳوٺاڻن جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو، گاڏين جون قطارون لڳي ويون، مسافر پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو مظاهرين وٽ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪين خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) سيوهڻ پرسان ڳوٺ ڳاڙهي واري وٽ زمين جي مالڪي تان بااثر هٿيارٻندن جي هوٽل تي ويٺل ملاح برادري جي ماڻهن مٿان فائرنگ 3 ڄڻا سخت زخمي، اسپتال منتقل،سوين ملاح برادري جي ماڻهن جو جوابدارن /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

خانه فرهنگ اسلامي جمهوريه ايران ڪراچي جي ڊائريڪٽر ۽ شاهد يونيورسٽي وفد پاران ڊائو يونيورسٽي جو دورو

ايراني شاهد يونيورسٽي ۽ ڊائو يونيورسٽي وچ ۾ يادداشت نامي تي صحي

ملاقات دوران گڏيل دلچسپي معاملن ۽ سهڪار وڌائڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) شاهد يونيورسٽي آف ايران ۽ ڊائو يونيورسٽي آ هيلٿ سائنسز ڪراچي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت نامي تي صحي ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ڪراچي: ايراني شاهد يونيورسٽي ۽ ڊائو يونيورسٽي جا عملدار ناهه تي صحي ڪري رهيا آهن

لوڊرا برادري جي ماڻهن کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس 6 ڄڻن تي داخل

سلطان ڪوٽ ٿاڻي تي انعام لوڊري ڪاڪيپوٽن ۽ ٻين تي ڪيس ڪرايو

پوليس حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪرڻ بدران ڀٽ ٻڌيل آهي: متاثر ڌر جي دانهن

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) ميان صاحب سلطان ڪوٽ شهر پرسان گذريل رات دير سان مبينا فائر لڳڻ سبب لوڊرا برادري جي ٻن نوجوانن /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سياسي، سماجي شخصيت ڪاڪا نٿو مل وصيت موجب صوفي شاهه عنايت شهيد قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي

ميرپوربٺورو رپورٽ ، حاجي موسا ڪٽي ميرپوربٺورو جي سياسي، سماجي شخصيت ڪاڪا نٿو مل جي ارٿي ميرپوربٺورو شهر مان ڪنئي وئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ميهڙ لڳ ايس يو پي جو سماجي تنظيمن خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو، پُتلن کي باهه

سماجي تنظيم جو آفيسر ۽ انجنيئر ٻوڏ متاثرجي گهر سروي لسٽ ۾ داخلا داخل ڪرڻ لاءِ رقم گهري رهيا آهن: سڪندر سودر

رقم نه ڏيندڙن جا نالا لسٽ مان ڪڍي من پسند ماڻهن جا نالا شامل ڪيا پيا وڃن: حاجي خان مارفاڻي

ناجائزي ڪندڙ ڪامورن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي حقدارن کي حق ڏنو وڃي: حبيب حضوري ۽ ٻيا

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ : ميهڙ تعلقي جي ٻوڏ متاثرين جي گهرن جي آيل پئسن ۾ سماجي تنظيم جي انچارج ۽ ايجنٽ مافيا معرفت مبينا پتا خوري ، ميهڙ ۾ مها ٻوڏ جي متاثرين کي گهرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

شهيد ذوالفقار ڀٽو جو ويجهو ساٿي اڳوڻي ايم پي اي رئيس شير محمد خان انڙ لاڏاڻو ڪري ويو

قاضي احمد (غلام حسين راهو) پاڪستان پيپلزپارٽي جو اڳواڻ شهيد ذوالفقار ڀٽو جو ويجهو ساٿي اڳوڻي ايم پي اي رئيس شير محمد خان انڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ميهڙ: ايس يو پي پاران سماجي تنظيم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر: 3_35655872_021 فيڪس نمبر: 35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

ڇنڇر 22 فيبروري 2025ع بمطابق 23 شعبان المعظم 1446هه



لوڪل ڪائونسلن جي سيني ملازمن جي تصديق ڪرائڻ جو حڪم

سنڌ اسيمبليءَ جي پبلڪ ڪميٽيءَ سنڌ جي مڪاني ادارن جي سيني لوڪل ڪائونسلن ۾ گهوسٽ ملازمن جي پيش نظر سڄي سنڌ جي لوڪل ڪائونسلن جي سيني ملازمن جي تصديق ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ پي اي سيءَ حيدرآباد ڊويزن جي مختلف ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽين پاران منظوري ڏنل بجيٽ کان علاوه 477 ملين روپيا واڌو خرچ ڪرڻ واري معاملي جي اينٽي ڪرپشن کي جاچ ڪري 3 مهينن ۾ رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. جمعي ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جو اجلاس چيئرمين نثار احمد کهڙو جي صدارت ۾ ڪميٽي روم ۾ ٿيو. اجلاس ۾ ڪميٽيءَ جي ميمبرن خرم ڪريم سومرو، مخدوم فخرالزمان سميت بلدياتي کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ حيدرآباد ڊويزن جي مختلف ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽين جي ٽائون آفيسرن ۽ چيف ميونسپل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ حيدرآباد ڊويزن جي ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽين جي سال 2018ع کان 2021ع تائين آڊٽ پيرائن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ٽائون ڪميٽي سن سميت حيدرآباد ڊويزن جي مختلف ٽائون ڪميٽين پاران مختلف ڪمن جي مد ۾ 4 لک 90 هزار روپين جي 200 کان وڌيڪ ڪوٽيشن جي ذريعي 252 ملين روپيا خرچ ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي ۽ آفيسر 252 ملين روپين جي خرچن جو آڊٽ رڪارڊ فراهم نہ ڪري سگهيا جنهن تي پي اي سي چيئرمين نثار کهڙو ڪاوڙ جو اظهار ڪندي بلديات کاتي جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري کي معاملي جي جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. اجلاس ۾ ڄامشورو، پيارولنڊ ۽ سن ٽائون ڪميٽي سميت ماتلي جي ميونسپل ڪميٽي پاران سال 19_2018ع ۾ منظور ٿيل بجيٽ کان علاوه 477 ملين روپيا خرچ ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو جنهن تي پي اي سيءَ 477 ملين روپين جي خرچن جو معاملو جاچ لاءِ اينٽي ڪرپشن کي موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اجلاس ۾ ٽائون ڪميٽي پيارولنڊ پاران 79 لک روپيہ خرچ ڪرڻ جو سرڪاري رڪارڊ 2018ع ۾ پيارولنڊ ٽائون ڪميٽي ۾ مقرر ٽائون چيئرمين پاران پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ جو بہ انڪشاف سامهون آيو جنهن تي پي اي سي چيئرمين نثار کهڙو 2018ع ۾ مقرر پيارولنڊ جي چيئرمين جي خلاف سرڪاري رڪارڊ پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ جي ڏوهہ ۾ سندس خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اجلاس ۾ حيدرآباد جي مختلف ٽائون ۽ ميونسپل ڪميٽين پاران صرف هڪ سال ۾ گاڏين جي پيٽرول ۽ مرمت تي 275 ملين روپيا خرچ ٿيڻ جو پڻ انڪشاف سامهون آيو جنهن تي پي اي سيءَ لاڳاپيل ڪميٽين جي آفيسرن کان لاگ بوڪ ۽ خرچن جا تفصيل گهري ورتا آهن. اجلاس ۾ ڪميٽيءَ جي ميمبر خرم ڪريم سومرو چيو تہ سنڌ ۾ 1500 کان وڌيڪ يوسيز آهن ۽ هر يوسي کي 10 کان 12 لک روپيہ هر مهيني فنڊ ملي رهيو آهي پر ٻهراڙين وارن علائقن سميت شهرن ۾ پڻ صفائي سٿرائي نظر نہ پئي اچي ۽ لوڪل ڪائونسلون ماڻهن کي بنيادي سهولتون پڻ فراهم نہ ڪري سگهيون آهن ۽ ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي سميت بنيادي سهولتن کان بہ محروم آهن تہ پوءِ اهي فنڊ ڪٿي پيا خرچ ٿين؟. پي اي سي چيئرمين نثار کهڙو چيو تہ سنڌ حڪومت سڄي سنڌ جي لوڪل ڪائونسلن کي 160 ارب روپين کان وڌيڪ جي بجيٽ فراهم ڪري رهي آهي ۽ جيڪڏهن اها بجيٽ بهتر طريقي سان عوام جي بهتريءَ تي خرچ ڪئي ويندي تہ سنڌ جو نقشو ئي تبديل ٿي ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ لوڪل باڊيز جي ڪائونسلن ۾ گهوسٽ ملازمن جي آڙ ۾ پگهارون کڻڻ پيون وڃن اهو عمل برداشت نہ ڪيو ويندو ان لاءِ سڄي سنڌ جي لوڪل ڪائونسلن جي ملازمن جي ٻيهر تصديق ڪرائي وڃي.

ڪرپشن کان آجي معاشري جو خواب

محمد يوسف ڪٽي

ڪرپشن هڪ سماجي برائي آهي جيڪا ڏينهون ڏينهن ڪنهن وبا جيان ڦهلجي رهي آهي. اها وبا سماج جي هر پهلو تي اثرانداز ٿي ڪري سموري ڪارنهوار کي متاثر ڪري ملڪ جي ترقي جي راهہ تي رڪاوٽ بڻيل آهي ۽ ڪرپشن جي ڏگ تي قوم سان کيل طويل ويدن ۽ ويساهہ گهاتين جي ڪري هاڻي ادارن تي اسان جو اعتماد ئي ختم ٿي ويو آهي. ڪرپشن سماج اندر صحيح ۽ غلط، بري ۽ ڀلي، اهل ۽ نا اهل، حق ۽ ناحق، انصاف ۽ نا انصافي جي وچ ۾ تميز يا فرق کي ختم ڪري سماجي قدرن ۽ سماجي اخلاقيات کي ناس ڪري ٿي.

ڪرپشن صرف غير اخلاقي رويي جو نالو ناهي پر ان جا حقيقي نتائج آهن جيڪي ناحق سان گڏ بيهي ڪري حق کي هارائڻ جي جتن ۾ آهن.

ڪرپشن سبب سنڌ جي تعليم تباهہ ٿي رهي آهي سنڌ جي صحت متاثر ٿي رهي آهي، سنڌ صوبي جو عدالتن تان اعتماد ختم ٿي رهيو آهي ۽ اهي سمورا ادارا جيڪي ڪرپشن کان ٿا پئسي جو آشرواد وٺن ٿا انهن جي ڪري شاگرد / شاگرديائيون توڙي معاشري جو هر هڪ فرد جيڪو روشن مستقبل جا خواب ڏسي ٿو اهي خواب هميشہ جيان اڌورا رهجي ٿا وڃن. ڪرپشن جي هن گند کي ڏسي، ادارن جي قتل ٿيندڙ ساک جو جائزو وٺندي گهڻيون حياتيون تہ خودڪشيون ڪري انت آڻي ٿيون ڇڏين ان مانداڻ ۽ وطن واسين سان انيڪ ويساهہ گهاتين جو ذميوار ڪير آهي؟

ڪي پاڻ کي ڪمري جي ڪنڊ حوالي ڪري ٿا ڇڏين ان جو ذميوار ڪير آهي...؟

ٻہ نمبر دوائن جي ڪمپنين تي ڪا روڪٿام ناهي ان جا ذميوار ڪير آهن...؟

اسان جي صحت تباهہ ڪرڻ وارا ڪير آهن...؟

ڪرپٽ ماڻهن کي سزا نہ ڏيڻ ڪري اهي ڪرپشن ڪندا ٿا وتن ان جا ذميوار ڪير آهن...؟

جيڪو شاگرد رشوت ڏئي ڊاڪٽر بڻجي ٿو شفافيت کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي ٿو اهو ڊاڪٽر مريضن جي صحت کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو يا ان کي وڌيڪ بگاڙيندو..؟

جيڪو ماڻهو رشوت ڏئي سي ايس ايس آفيسر بڻجي ٿو ڇا اهو نظام کي بهتر بڻائيندو؟ ۽ ڇا اهو پنهنجي عهدي جو ناجائز استعمال نہ ڪندو؟

جڏهن سرڪاري عملدار پنهنجي ذاتي فائدن ڪري عهدن جو ناجائز استعمال ڪن ٿا ۽ انهن کي بي نقاب ڪرڻ باوجود بہ انصاف نٿو ٿئي تہ ڇا ڪرپشن جي روڪٿام ٿيندي..؟

ميڊيڪل جي انٽري ٽيسٽ کان وٺي نوڪرين جي ڀرتي جي هر هڪ ٽيسٽ تائين هر ڪم ڪرپشن جي آشرواد سان ٿئي ٿو تہ ڇا سنڌ ترقي ڪري سگهندي..؟

انٽرنيشنل ڪرپشن پرسيپشن سروي 2023 جي مطابق، پوليس شعبو پهرين نمبر ۾ ڪرپٽ آهي جنهن جي ڪرپشن 30٪ آهي.

ٻي نمبر ۾ ٺيڪيداري ۽ ٽينڊرنگ ڪرپٽ آهن جنهن جي ڪرپشن 16٪ آهي.

ٽي نمبر تي عدليہ ڪرپٽ آهي جنهن جي ڪرپشن 13٪ آهي.

تعليم ۽ صحت جا شعبہ سروي مطابق چوٿين ۽ پنجين نمبر تي آهن باقي ادارا جيئن لوڪل گورنمينٽ، لينڊ ايڊمنسٽريشن، ڪسٽم، ايڪسائيز ۽ انڪم ٽيڪس بالترتيب ڇهين، ستين ۽ اٺين نمبر تي ڪرپٽ ادارا آهن.

اينٽي ڪرپشن ڪميٽي جي سروي جولاءِ 2010 مطابق، پوليس شعبي ۾ ڪرپشن جو وڏو سبب احتساب، ميرٽ جي کوٽ ۽ پگهارن ۾ ڪمي آهي.

پوءِ ڇا ان جو ڪو حل نڪتو ؟ ڇا ڪرپشن جي ڪلور ۾ ڪا ڪمي آئي ؟

صحت شعبي ۾ ڪرپشن جو وڏو رڪارڊ ڪورونا وائرس جي وقت ٿيو جنهن سبب ڪيترن ئي ملڪن انهن کي فرشتي جو لقب پڻ ڏنو هوندو.

ڳالهہ ڪجي عدليہ جي تہ نيشنل جوڊيشل ڪميٽي مطابق سپريم ڪورٽ ۾ 46 هزار 698 ۽ لوئر ڪورٽس ۾ 17 لک 72 هزار 990 ڪيس التوا ۾ پيا آهن.

سنڌ جي تعليم جي ڇا ڳالهہ ڪجي!

سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي کاتي ۾ 17 ارب روپين جي ڪرپشن جي آڊٽ رپورٽ سامهون آئي آهي. انڪشاف ٿيو آهي تہ هزارين شاگردن جون جعلي رجسٽريشنون پيش ڪري سرڪاري خزاني مان 9 ارب روپيا هڙپ ڪيا ويا آهن.

ڪرپشن جا ڪلور پلا ڪهڙي اک کان اوجهل آهن، حڪمرانن کان ويندي معاشري جو هر هڪ فرد ان مصيبت جو مشاهدو ڪري ٿو ۽ نہ فقط ڏسي ٿو پر ڪرپشن ڪندڙن کي تحفظ جو تاج بہ پارايو وڃي ٿو تہ ڇا ڪرپشن جي روڪٿام ٿيندي ؟

اينٽي ڪرپشن کاتي، گڊو بئراج جي پل، دروازن جي مرمت ۽ صفائي جي مد ۾ 93 ڪروڙ روپين جي گهوٻين جي انڪشاف بعد نوٽيس وٺندي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

جاچ ٿيڻ کان بعد ڇا اهي پئسا قومي خزاني ۾ جمع ٿيندا ؟

ڇا ڪرپشن ۾ ملوث آفيسرن کي قانوني سزا ڏني ويندي ؟

يا اهو ڪم ٿيندو جيڪو ايم 6 موٽروي ۾ 2 ارب 37 ڪروڙ جي ڪرپشن ٿي جنهن ۾ ڊي سي مٽياري، اي سي مٽياري، سنڌ بينڪ جو اسسٽنٽ مينيجر ملوث هئا ۽ عدالت 7 ڏينهن جي ريمانڊ ۾ انهن کي اينٽي ڪرپشن پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان کان بعد انهن جي ضمانت منظور ڪئي وئي ۽ اهو سلسلو اتي ئي رهجي ويو.

ڪرپشن جي داخل ڪيسن ۽ ريفرنس کي ڏسنداسين تہ ڪورٽن ۾ اهي ڪيس ڪيترن ئي سالن کان التوا جو شڪار آهن. جنهن مان هڪ مثال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيل ڪرپشن جي سلسلي ۾ ڏسي سگهون ٿا.

اشتهارن جي منڊي ۾ رڳو اهو لکيل هوندو آهي (سي نو ٽو ڪرپشن) پر هن مختصر جملي جو عملي پهلوءَ ڪڏهن ظاهر ٿيندو؟

ڪرپشن جي باهہ محنت ڪش ماڻهن جي اميدن کي ساڙي راک ڪري ڇڏيو آهي پر هن باهہ کي اجهائڻ لاءِ ڪو سامهون اچڻ لاءِ تيار ناهي تہ پوءِ سنڌ ڪيئن ترقي ڪري سگهندي.

جيڪڏهن تاريخ جو مشاهدو ڪجي تہ قومن ۽ تهذيبن جي تباهي جو وڏو سبب ڪرپشن ئي آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ اهو الميو رهيو آهي تہ ادارن ۾ ڪرپٽ مافيا جي خبر هوندي بہ اسان انهن تائين پهچي ناهيون سگهيا..!

متعلقہ اداري هن وبا جي خاتمي لاءِ ڇا ڪيو آهي ؟

اخبارن جي سرخين کان ويندي عالمي اتهاس تائين مضمون لکيا ۽ پڙهيا ويا پوءِ بہ مرض کي نہ لهر نہ لوڏو.

ڪرپشن ۾ ڏينهون ڏينهن جدت اچي پئي پر ان جي خاتمي لاءِ ڇا ڪنهن نئين مخلوق جو انتظار ڪجي ؟

نيب ۽ اينٽي ڪرپشن پنهنجي ڪيس جو دائرو وسيع ڪن تہ الائي ڪيترا ماڻهو ادارا ۽ ڪامورا پڪڙ ۾ اچي ويندا. جنهن جاچ ۾ سياسي پنيرائي بہ سامهون پئي ايندي. اسان کي بدعنواني کان پاڪ سماج لاءِ پرعزم رهڻو آهي، ڪرپشن سماج ۽ ملڪ جي معيشت کي سخت متاثر ڪندي آهي، جيڪڏهن اسان هڪ مضبوط ۽ فلاحي رياست چاهيون ٿا تہ اسان کي ڪرپشن جي وبا کي ختم ڪرڻو پوندو،

اسان کي مضبوط قانوني فريم ورڪ طرف ڪم ڪرڻو پوندو،

اسان جو اجتمائي آواز ڪرپشن خلاف گونجندو.

اسان کي شفافيت ۽ احتساب جي ثقافت کي فروغ ڏيڻي پوندي.

اسان کي اڳوائن کان سالميت جو مطالبو ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي جوابده پڻ رکڻو پوندو تڏهن ئي سنڌ هن مرض کان پاڪ ٿي ترقي ڪري سگهندي.

سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي درپيش مسئلا ۽ خطرا

خاصخيلي لطيف راولاٽي

اريخي حوالن ۽ ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ ڀلي ڀت جاڻ ملي ٿي تہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ڪيتري پراڻي آهي مختلف دورن مان گذرندي مختلف قبيلن مان ٿيندي ٻولي ۾ تبديلي ايندي آهي ان جا واضح مثال اجوڪي دور ۾ بہ ملن ٿا دراوڙن جو دور يونان ۽ مصر جي تهذيب هڙپا ٽيڪسلا ۽ ان کان بہ قديم سنڌ جو خطو موئن جو دڙو آڳاٽي دور ۾ جيڪي بہ شهر آباد هئا اهي گهڻو ڪري دريا ۽ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هوندا هئا جو انهن جو آمدرفت ۽ معاشي مسئلو سمنڊ جي ذريعي ٿيندو هوان دوران لڏپلاڻ بہ ٿيندي هئي ۽ ٻولي ۾ بہ تبديلي ايندي تاريخي حوالي سان خبر پوي ٿي تہ آڳاٽي دور ۾ پوري دنيا ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي اها ڪهڙي رسملخط ۾ هئي ان تي اسان جي لسانيت جي ماهرن وڏي تحقيق ڪئي آهي پي ايڇ ڊي مقالا بہ تحرير ڪيا آهن جاگرافيائي حدن جي آزادي جي ڪري ٻولي بہ آزاد هوندي هئي جيڪو جتي رهيو اهو ان جو ملڪ ۽ ڌرتي هئي سنڌ ۾ جيڪي بہ اچي رهيا جيڪي دنيا جي مختلف خطن مان اچي آباد ٿيا اهي هن ڌرتي ۾ ضم ٿي ويا ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ شروع ڪيائون پاڻ کي سنڌي سمجهي ڌرتي سان پنهنجو ابدي رشتو قائم ڪيائون جنهن جا ڪافي مثال ۽ مشهور نالا آهن ان سان سنڌ ٻولي جي تاريخ ڀري پئي آهي شاهہ بہ ان دور ۾ سنڌ سان گڏ عالم سڀ آباد ڪرين پوري خطي جي سک سلامتي جي لاءِ دعا گهري هئي ان دور ۾ ٻولي کي خطرو ڪونہ هو جڏهن کان ورهاڱو ٿيو سنڌي هندو اديبن محققن ڏاهن تاريخدانن هتان لڏپلاڻ جي ڪري سنڌي ٻولي کي وڏو نقصان ٿيو هزارين ناياب قلمي نسخا علمي ادبي ذخيرو ضايع ٿي ويو سنڌي ڪتاب اٿلپ ٿي ويا جيڪي اڄ ڏينهن تائين ٻيهر شايع ٿي نہ سگهيا ان کان پوءِ پيارو پاڪستان ٺهيو تہ درسي ڪتابن مان سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌ جي مشهور تاريخي اڳواڻن جن پاڪستان جي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪئي قربانيون ڏنيون انهن جا واقعا تاريخي حوالا ڪڍيا ويا ۽ ان جي بدران انڊيا جي مسلمانن جا حوالا درج ڪيا ويا ظلم ۽ زيادتي جي حد اها وڃي بيٺي جو باني قائد جنهن ڪانگريس ۾ رهندي ڏار ملڪ جي لاءِ ڪوششون ڪيون بعد ۾ مسلم ليگ ۾ آيو جنهن جي جاءِ پيدائش پراڻن درسي ڪتابن ۾ جهرڪ لکيل هئي ۽ ان کان پوءِ تبديل ڪري ان کي وزير منشن ڪراچي لکيو ويو اهڙا ڪافي بيا مثال تاريخ جي صفحن تي موجود آهن جن کي ميساريو ويو اهو ظلم بہ اڪيلي ڌرتي سان نہ پر سنڌي ٻولي سان ڪئي وئي جيئن سنڌي ٻولي کي وڌڻ ويجهڻ نہ ڏنو وڃي اها خطرناڪ سازش ايوانن ۾ تيار ڪئي وئي جنهن تي اڄ ڏينهن تائين راڻاها هنيا وڃن پيا ملڪ تہ وجود ۾ آيو پر ٻولي کي خطرو ٿي پيو جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ٽٽي بنگلاديش بہ پنهنجي ٻولي بچائيندي الڳ ٿيو ان کي گڏ رهڻ ۾ ٻولي کي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو ان ڪري ٿي ٻولي بچائيندي الڳ ٿي ويا ۽ اڄ دنيا جي گولي تي هڪ آزاد خوشحال ملڪ جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو ڀٽي دور ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ ڏهيسر سنڌ ممتاز علي ڀٽو ٿيو تہ ان فوري طور تي سنڌ اسيمبلي مان سنڌي ٻولي جو بل پاس ڪرايو جنهن تي خاص طور تي سنڌ ۾ آيل پناهگير وڏو اعترا ڪيو ۽ ان دور ۾ انهن جي نمائنده اخبار جنگ وڏي سرخي سان لکيو تہ اردو ڪا جنازه هي بڙي دهوم سي نڪلي ۽ پوري سنڌ ۾ ٻولي جا فساد شروع ٿي ويا ۽ ان ۾ ڪافي تعداد ۾ سنڌي جوڌا هتن جي گولين جو کاڄ بڻجي ويا ڀٽي صاحب فوري طور تي ممتازعلي ڀٽي کي وڏ وزارت تان لاهي ڇڏيو ۽ انهن نمڪ حرامن کي لياقت آباد اڳوڻي لالو کيت ۾ سپر مارڪيٽ ٺاهي خوش ڪيائين جيڪا اجوڪي دور ۾ پنهنجي اصلي شڪل ۾ موجود ڪونهي اهو سلسلو اڃان تائين هلندو اچي ڪيئي حڪمران تبديل ٿيا مختلف دور آيا پر ٻولي کي خطرا لاحق رهيا حالتون تبديل ٿيون انگريز ويا پر پنهنجي باقيات ڇڏي ويا سنڌي بدران ادارن ۾ انگلش ميڊيم زور ورتو سنڌ ۾ جيڪي بہ پرائيويٽ ادارا قائم ٿيا انهن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائي ڪونہ ٿي وڃي آفيسن ۽ پارليامينٽ ۾ سنڌي ٻولي ختم ڪئي وئي هاڻي تہ ڌارين بدران پنهنجن سنڌين مان ٻولي کي وڏو خطرو درپيش آهي جوانهن وڏن ڪامورن آفيسرن جا ٻار سنڌي ڪونہ ٿا پڙهن انگريزي جي چڪر ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائين ڪونہ ٿا اهڙا تمام گهڻا سنڌي ٻولي جا ليکڪ اديب ڏاها جن جا ٻار بہ سنڌي کان اڻ واقف آهن پڇا ڪرڻ تي خبر پوي ٿي تہ ٻار چون ٿا اسان بنيادي ئي انگريزي ۽ اردو ۾ تعليم حاصل ڪئي ماحول بہ آس پاس جو سنڌي نہ مليو ان ڪري اسان کي سنڌي ڪونہ ٿي اچي هي اهڙا خطرناڪ مثال آهن جن سان مستقبل ۾ سنڌي ٻولي کي صرف پنهنجن مان ئي خطرو آهي اهڙي نازڪ اهم مسئلي لاءِ گڏيل حڪمت عملي جي ضرورت آهي تہ ڪئين ۽ ڪهڙي نموني سان سنڌي ٻولي کي بچايو وڃي هر سال مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن تي ملهايو وڃي ٿو پر حيرت انهي ڳالهہ جي آهي جو ملڪ جي وڏين هوٽلن ۾ وڏا وڏا سيمينار ڪرائي انگريزي ۾ تقريرون ڪري وقت پاس ڪيو ويندو آهي ڪو مستند لائحہ عمل تيار ڪونہ ڪيو ويندو آهي تہ ٻولي کي ڪئين بچائجي ان لاءِ عملي جامو ڪئين پهرايو وڃي بس جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويندو آهي اسان وٽ سنڌي ٻولي اٿارٽي بہ وجود ۾ آئي آهي جيڪا صرف سرڪاري آشيرواد تي ڪم ڪندي نظر ايندي آهي ۽ اهي هر ماڻهو جو نڪتہ نظر ۽ خيال نہ وٺندي آهي اها پهريائين قد بت جانچيندي آهي تہ هي شخص جيڪو ٻولي جي تحفظ لاءِ اپاءَ وٺي رهيو آهي ان جي ادبي ۽ طبقاتي حيثيت ڇا آهي ان کان پوءِ ئي ان کان تجويزون ورتيون وينديون آهن نہ تہ ٻي صورت ۾ سڀ تجويزون مشورا رد ڪيا ويندا آهن ۽ اهو چئي ٽاريو ويندو تہ اوهان جا مشورا ۽ تجوازون تہ درست ۽ قابل قبول آهن پر اوهان ادبي حيثيت نہ آهي اوهان ڪوبہ ڪتاب شايع ٿيل ڪونهي ۽ نہ ئي ٻولي تي ويهن صفحن جو ڪو مقالو اسان جي ماهوار مئگزين ۾ شايع ٿيو آهي ان ڪري ٻيهر زحمت نہ ڪندا اهڙي ئي صورتحال تہ پوءِ ٻولي کي ختم ڪرڻ وارا پنهنجا ئي هوندا قوم ٿي زنده رهي پر جي زبان زنده رهي ٻولي نہ هوندي تہ پوءِ خطي ۾ قوم کي ئي خطرو هوندو دنيا ۾ اهڙا ڪافي مثال اسان جي آڏو تايخ جي صفحن تي موجود آهن تہ دنيا جون سوين قومون ٻولي جي ئي ڪري دنيا جي گولي تان ميسارجي ويون مون پڪ سڃاتا پنهنجا هٿا ڌارين سان گڏ ڏاڙي ۾ ٿي وات ڏسيائون واسينگن کي ويهڙيچن جي واڙي ۾

بقايا 01

عورتن پاران مندر جي ديوار ڊاهڻ کان روڪڻ دوران، انهن کي زوريءَ گهلي ڪڍڻ جي وڊيو وائرل ٿي وئي آهي هندو پنچائت جي پلاٽ تي ٺهيل گهر ۾ رهندڙ عورتن جو چوڻ آهي تہ اسين هتي 60 سالن کان رهندڙ آهيون ۽ پنچائت وارا اسان تي ظلم ڪري رهيا آهن. اسان جي گهر مان مندر جو رستو ڪڍڻ لاءِ اسان کي تنگ ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ مندر جو ٻئي پاسي کان رستو موجود آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ انتظاميا جو فيصلو آهي تہ گهٽي اسان جي هوندي ٻئي پاسي هندو پنچائت جي اڳواڻ جو چوڻ آهي تہ هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي جي وقت، مندر جي ڌرم شالا ۾ ٺهيل گهر انسانيت جي بنياد تي هن خاندان کي رهڻ لاءِ ڏنا ويا هئا، پر هنن اهو گهر ۽ پلاٽ وڪڻي ڇڏيو ۽ ٻئي پلاٽ تي قبضو ڪري ورتو. هاڻي ٽئين پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ اسان کي مندر جي واڌاري کان روڪي رهيا آهن.

بقايا 02

پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي سبحان علي کروس، اعجاز علي کروس، نسيم کروس ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ بااثر قبضا مافيا جا سرغنا محمد نواز کروس، خدابخش کروس، خالد کروس، علي احمد کروس، مور کروس، فياض کروس، سعيد کروس، اوشاق کروس ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي روز بروز اسان جي گهرن تي چڙهايون ڪري اسان کي ۽ اسان جي ٻچڙن کي هيسائي ڊيڄاري ڌمڪايو وڃي ٿو گذريل ڏينهن اسان مٿان جديد هٿيارن ۽ ڏنڊن سان گهرن تي حملو ڪري گهرن ۾ موجود ٻن نوجوانن اعجاز کروس ۽ نسيم کروس کي شديد زخمي ڪري ڇڏيو ۽ چيائون تہ زمينن تان هٿ کڻو نہ تہ زندگي مان هٿ ڪٽڻو پوندو. اسان جا بہ زخمي نوجوان هن وقت چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل آهن جتي علاج هلندڙ آهي.

بقايا 03

ڪڍڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ شاعرن اديبن فنڪارن شريف سومرو اقبال ڳاڏهي تنها سخاوت شيخ اسماعيل سيال غريب اياز لاشاري حبيب الله هاليپوٽو محراب نانگور شاهنواز نانگور اياز حسين ميمڻ اڪبر علي قلبوٽو استاد علي خان شيخ سڄڻ قلبوٽو محمد مهدي سومرو تبارڪ علي سومرو ۽ مزمل علي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي جنهن ۾ ڪيترين ئي ٻوليون ڳالهائڻ وارا رهن ٿا اسانکي ڪنهن بہ ٻوليءَ ڳالهائڻ واري سان نفرت نہ آهي هر صوبي جي ماڻهن کي پنهنجي امڙ جي لولي واريءَ ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ سان گڏو گڏ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي جڏهن تہ سنڌو درياءَ مان ڇهہ ڪئنال ڪڍي ڪري سنڌ جي سرسبز زمينن کي بنجر بڻائي سنڌي قوم کي بکيو اڃيو رکي بک بدحاليءَ جي ور چاڙهيو پيو وڃي انهن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي تہ ڪئنال ڪڍڻ بند ڪري سنڌ جي آواز کي مڃيو وڃي.

بقايا 04

لالا عامر عمرانيءَ جي گرفتاري خلاف گمبٽ ۾ پريس ڪلب گمبٽ آڏو جساف جي مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري هالار پيرزادو جي اڳوائيءَ سندس آزاديءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. انهيءَ موقعي تي هنن ڳالهائيندي چيو تہ لالا عامر عمرانيءَ کي سي آئي اي پوليس چادر ۽ چارديواري جو تقدس پائمال ڪندي گهر ۾ گهڙي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو سراسر ڏاڍ آهي. هنن چيو ت لالا عامر کي فوري طور آزاد نہ ڪيو ويو تہ پوري سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 05

پاران اڄ ٻئي ڏينهن بہ 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ خلاف احتجاجي مارچ ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو. مظاهرين سرفراز چنا، اعجاز نثار خاصخيلي، محبوب پنهور ۽ ٻين ڏانهيو تہ گذريل 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ سبب ملازم ڦاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن هنن چيو 7 سادا سئو ملازمن ۽ اڍائي سئو پينشنر جي 7 مهينن کان پگهار نہ ٿيڻ سبب سندن خاندان سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي جڏهن تہ سنڌ سرڪار ملازمن جون پگهارون روڪي معاشي قتل عام ڪري رهي آهي. هنن چيو تہ پگهارون نہ ملڻ سبب ملازم خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن هنن چيو تہ ملازمن جون پگهارون ۽ پينشن آن لائين ڪري ٽريزري ذريعي هر مهيني پگهارون جاري ڪيون وڃن 2016 کان رهيل ملازمن جي اپگريڊيشن ۽ پروموشن ڪيا وڃن ملازمن جا جائز مطالبا حل نہ ٿيا تہ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 06

بئرسٽر ارسلان اسلام شيخ پاران گذريل ڏينهن ڏنل بيان جي پنيرائي ڪندي چيو آهي تہ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ، سنڌ جي حقن لاءِ وفاق سان ڳالهہ ٻول ۾ درست ۽ جائز ترجماني ڪندي سنڌ ڌرتي جي پٽ هجڻ جو واضح ثبوت پيش ڪيو آهي. انهن چيو تہ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ جو موقف مڪمل طور تي درست آهي ۽ انهن جا مطالبا جائز آهن، جن کي وفاقي حڪومت کي تسليم ڪرڻ گهرجي. لالا سيف ۽ آغا بشير ترين وڌيڪ چيو تہ وفاق ڪنهن بہ ملڪ ۾ صوبن جو حق غصب نٿو ڪري سگهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي حقن جي پچڻ لاءِ وفاق کان وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ، انهن پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي جي هر هڪ جيالن جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي جو هر ڪارڪن نہ صرف ملڪ، پر سنڌ جي حقن لاءِ پنهنجي شهيد قائدن جي فڪر ۽ فلسفي تحت عوام جي جائز حقن لاءِ جنگ جاري رکندو رهندو. انهن سنڌ جي حقن لاءِ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ پاران جاءِ ايل جائز مطالبن کي فوري طور تي تسليم ڪيو وڃي.

بقايا 07

پيداوار وڌائڻ لاءِ سان گڏ مهاڻن لاءِ معاشي وسيلا ۽ ذريعا پڻ پيدا ڪري سگهجن اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ٺٽي ۾ فشريز کاتي پاران ڪينجهر ڍنڍ تي مڪمل ٿيندڙ بيڪ يارڊ فش هيچري جي افتتاح جي موقعي تي صدر اڪواڪلچر ۽ فارمرس ايسوسي ايشن پاڪستان سيد دائم شاهہ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر ذوالفقار علي لاڙڪ ۽ ٻين واسطيدار عملدارن شرڪت ڪئي. صوبائي وزير محمد علي ملڪانيءَ چيو تہ ٺٽي ۾ ڪينجهر ڍنڍ ۾ مڇي جو تعداد وڌائڻ لاءِ 35 لک ٻج وجهنداسين اپاءَ وٺڻ تمام گهڻو ضروري هو ڇاڪاڻ تہ گذريل ڪجهہ سالن کان دريا مان ڪينجهر ۾ پاڻي جو فلو گهٽجڻ ڪري مڇي جو واڌارو ۾ بہ گهٽتائي آئي آهي. صوبائي وزير محمد علي ملڪانيءَ فشريز کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ اهي مهاڻن کي پابندي مڙهيل جار استعمال ڪرڻ کان منع ڪن تہ جيئن وڌيڪ جهنجي تعداد ۾ مڇي ملي سگهي، صوبائي وزير محمد علي ملڪانيءَ وڌيڪ چيو تہ بيڪ يارڊ فش هيچري جو منصوبو مڪمل ٿيڻ سان 25 ملين مڇي جو ٻج پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهندي، جنهن سان مقامي فارمرن کي روزگار ملندو ۽ سندن زندگيءَ ۾ خوشحالي ايندي. ان سان مقامي سطح تي مڇي جو ٻج پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهندي، هن وڌيڪ چيو تہ هي منصوبو جديد سائنسي ضرورتن تحت فشريز کاتي جي نگراني هيٺ مڪمل ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي هن چيو تہ آئيندا ٺيڪيدار نظام تحت ڪا خريداري ٻج جي مد نہ ٿيندي ڊائريڪٽر جنرل فشريز انلينڊ ڊاڪٽر ذوالفقار علي لاڙڪ صوبائي وزير محمد علي ملڪانيءَ کي منصوبي جي مختلف فائدن بابت جاڻ پڻ ڏني.

بقايا 08

خيرالدين قريشي فضل حسين مري ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ غير قانوني طور لڳل ٻانڌي ٽول پلازا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف چونڪن شاهي بازار مورو روڊ فاتڪ روڊ کان ٿيندي سٽي پريس ڪلب آفيس پهتي جتي علامہ افتخار احمد عباسي ۽ ٻين اڳوائن خطاب ڪندي چيو تہ ٻانڌي مهراڻ هاءِ وي تي لڳل ٽول پلازا غير قانوني آهي جنهن کي اسان رد ڪيون ٿا سڀ کان پهريان تہ اسان سنڌ حڪومت کان اهيو مطالبو ٿا ڪريون تہ مهراڻ هاءِ وي کي ڊبل روڊ ڪيو وڃي ۽ ٻانڌي شوگر مل لاءِ ڪو متبادل روڊ ٺهرايو وڃي جتي ٽريڪٽر ٽراليون بيهاريون وڃن مهراڻ هاءِ خوني روڊ بڻجي ويو آهي جتي حادثا روز جو معمول بڻيل آهن مٿان وري عوام مٿان اهيو غير قانوني ٽول پلازا مسلط ڪيو ويو آهي جيڪو عوام سان سراسر نا انصافي آهي جيڪا اسان هرگز برداشت نہ ڪنداسين اسان اڄ هي پر امن احتجاج ريڪارڊ ڪرايو آهي ٻانڌي جا چونڊيل نمائندن پنهنجي ٻانڌي جي شهرين جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائي جيڪڏهن اسان عوام جو آواز اعلي اختيارن تائين نہ پهچايو ويو ۽ اهيو ٽول پلازا بند نہ ڪيو ويو تہ اسان مجبورن عدالتن جو در کڙڪائينداسين

بقايا 09

ڏوڪري مين آمد ،هلندڙ وڻڪاري مهم جي حوالي سان ڪورٽ ۾ ٻوٽا پوکيا ويا. ان موقعي تي ساڻس گڏ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ محترم جناب علي رضا خان ڪوکر جوڊيشل مئجسٽريٽ (1) محترم جناب بلاول رفيق بروهي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏوڪري نو(2) ان موقعي تي تعلقہ بار ايسوسيئشن ڏوڪري جي صدر الطاف حسين ڪوکر نائب صدر قاضي ديدار علي جوڻيجو ۽ جنرل سيڪريٽري محمد هاشم چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري ميڊم ڪرن منظور ميرائي خزانچي مولا بخش ڪولاچي لئبريري سيڪريٽري منير احمد سومرو ۽ اڳوڻو صدر آصف علي سنديلو ۽ بار جي سينيئر وڪيل امداد علي جويو محمد جمن ٻگهيو بشير احمد جوڻيجو ساجد علي ڪوکر ميڊم رشماءِ سيال موجود هيا. تعلقہ بار ڏوڪري جي وڪيلن جي طرفان ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محترم سمڪان مغل کي Tea Party ڏني وئي سنڌ جي روايتي سنڌي ٽوپي اجرڪ جو تحفا پڻ پيش ڪيا ويا ان کان پوءِ تعلقہ بار ۽ وڪيلن جي مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي ۽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج يقين ڏياريو تہ تعلقہ بار ڏوڪري ۽ وڪيلن صاحبن جا مسئلا فوري طور تي حل ڪيا ويندا

بقايا 10

بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري اياز چانڊيو چيو تہ ملير بار جي وڪيلن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪارو ڏينهن ملهايو ويو، حيدرآباد جي وڪيلن سان حڪومت پاران ڪيل واعدو فوري طور تي پورو ڪيو وڃي، ملير بار هميشہ حق ۽ سچ جي جدوجهد ڪندڙن سان گڏ بيٺي آهي ۽ اڳتي بہ اهو عمل جاري رهندو، وڪيل برادري ڪيترن ئي مظلوم ماڻهن جا ڪيس مفت وڙهي انصاف فراهم ڪندا آهن، حيدرآباد جي وڪيلن سان جدوجهد ۾ سڄي سنڌ ۾ قائم بار ايسوسيئشن جي حمايت حاصل آهي، انشاءالله جلد وڪيل برادري جدوجهد پنهنجو رنگ لائيندي، جيستائين مطالبا منظور نہ ٿيندا تيستائين احتجاج جاري رهندا.

بقايا 11

هڪ عورت کي گرفتار ڪري 1020 گرام چرس ۽ 30 گرام هيروئن هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پوليس موجب شهر جي الله والا چوڪ پرسان هڪ عورت حانيا ڌي رابن ڪرسچن کي منشيات سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايڇ او پٽ شاهہ محمد جمن ڪوسو جو چوڻ آهي تہ گرفتار عورت وٽان 1050 گرام چرس ۽ 30 گرام هيروئن هٿ ڪيو آهي گرفتار عورت مٿان منشيات ايڪٽ جو پٽ شاهہ ٿاڻي تي ايف آئي آر نمبر 27/25 يو ايس 9(1) 3C سي اين ايس، 9(1) 3A سي اين ايس تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي گرفتار ٿيل عورت جو تعلق پنجاب جي ساهيوال واري علائقي سان آهي جيڪا پٽ شاهہ جي الله والا چوڪ وٽ بس مان لهي شهر طرف وڃي رهي هئي تہ ان کي گرفتار ڪيو آهي جنهن کان وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي

بقايا 12

ڪالوني خدا جي بستي پوپٽ ڳوٺ عيسہ دل ڳوٺ سميت ٻين علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي نہ هجڻ خلاف علائقي واسين احتجاجي جلوس ڪڍي ڊي سي آفيس جو گهيراءُ ڪندي ڌرڻو هنيو مڇريل ماڻهن ٽائرن کي باهيون ڏئي ٽرئفڪ معطل ڪري ڇڏي انهن اهيو مطالبو ڪيو تہ اسان جي لاڳاپيل علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي اسان سخت پريشان آهيون هتي ٽينڪر مافيا جا ريٽ من پسند آهي جيڪو مسڪين ماڻهو نٿو ڀري سگهي هاڻي گرميون اچي چڪيون آهن پاڻي ناهي اسان سخت پريشان آهيون پاڻي ڏوراهن علائقن مان ڀري اچون ٿا اسان کي وڏي پرريشاني آهي ان مامري جو نوٽيس وٺي اسان کي پاڻي ڏنو وڃي

بقايا 13

ٻير انصاف لاءِ پنهنجي گهرڀاتين سميت پريس ڪلب ڪڪڙ پهتو ان دوران متاثر دڪاندار خادم ٻير، آدم حسين، علي اڪبر، ادريس ٻير سميت ٻين پاران سامان ڦر ڪندڙ ۽ دڪان تي حملي ڪيس ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب ڪڪڙ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڏانهيندي چيو تہ منهنجو ڪڪڙ باءِ پاس مين روڊ تي ڪولڊ ڪارنر ۽ جنرل اسٽور جو دڪان آهي جنهن تي 4 ڏينهن اڳ ڦورن سريعام دڪان تي اچي ڪيس پٽ نثار ٻير سميت ڪيس هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري 2 لک روپين کان وڌيڪ رقم ۽ موبائل فون سامان ڦر ڪيو مزاحمت دوران مون مٿان فائرنگ ڪئي جنهن تي معجزاتہ طور بچي ويس رڙين ۽ دانهن تي ڦورو پنهنجي موٽر سائيڪل خوف سبب ڇڏي فرار ٿي ويا جنهن تي مون انهن مٿان سامان ڦر جو ڪيس داخل ڪرايو ويو ٻيهر وري ساڳين جوابدارن دڪان تي اچي موٽمار ڌمڪيون ڏئي سامان جي ڀڃ ڊاهہ ڪري نقصان ڪيو ۽ فائرنگ ڪئي وئي متاثر دڪاندار خادم حسين چيو تہ ڪڪڙ ٿاڻي تي سامان ڦر ۽ دڪان تي حملي ڪندڙن شاهو جمالي، مختيار جمالي، فراز شيخ، عرفان ملاح، علي جمالي مٿان ڪيس داخل ڪرايو آهي واقعي کي 4 ڏينهن گذري چڪا آهن پر ڪڪڙ پوليس پاران ڪا بہ گرفتاري نہ ڪئي آهي جوابدار ڌر بااثر ۽ ڏوهاري آهن جيڪي سرعام آزاد گهمن ٿا جيڪي مون دڪاندار کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ مسلسل سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪيو پيو وڃي

بقايا 14

نيوسعيدآباد شهر ۾ سوين ليٽر کليو آئل دڪاندار سستي ريٽ تي خريد ڪري بعد ۾ سلو چاڻائي بيٺي اگهہ تي وڪرو ڪري رهيا آهن. کليل آئل جي واپرائڻ سبب ڪيترائي ماڻهو مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا، ساڃاهہ وند ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب: نيوسعيدآباد ۾ حيدرآباد ۽ ٽنڊوآدم کان ڊاٽسن ذريعي نيوسعيدآباد شهر ۾ واپاري مافيا انساني صحت لاءِ هاڃيڪار کليو آئل روزاني سوين ليٽر وڪرو ڪيو پيو وڃي، جيڪو دڪاندار سستي ريٽ تي خريد ڪري بعد ۾ بيٺي اگهہ تي سلو چاڻائي وڪرو ڪري رهيا آهن. کليل آئل جي وڪري سبب ڪيترائي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جا مرد عورتون ۽ معصوم ٻارڙا ڪيترين ئي بيمارين جن ۾ چمڙيءَ، خارش، معدي، شگر دل، بلڊ پريشر سميت مختلف بيمارين وٺجي ويا، ٻڌايو پيو وڃي تهن انساني صحت لاءِ هاڃيڪار کليو آئل جيڪو ڪڪڙن جي چربي، آنڊن، ٽنگن، کنين ۽ جانورن جي هڏن مان تيار ڪري وڪرو ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ ڪيترائي دفعا ميڊيا ۾ خبرون هلڻ باوجود بہ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري ۽ فوڊ اٿارٽي مٽياري طرفان نوٽيس نہ ورتو ويو. انتظاميا جي لاپرواهيءَ سبب ساڃاهہ وند ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽيءَ کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي نيوسعيدآباد شهر ۾ حيدرآباد ۽ ٽنڊوآدم کان ڊاٽسن ذريعي وڪرو ڪندڙ واپاري مافيا ۽ شهر جي خريد ڪندڙ دڪاندارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪري ڇڏيو.

بقايا 15

پاران سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ اديبن، شاعرن، صحافين، سڄاڻ ڌرين حبيب حضوري، آزاد انور ڪانڌڙو، ميهڙ پريس ڪلب جي صدر بدر سهول، جنرل سيڪريٽري اڪبر ڪانڌڙو، حزب الله ميهڙائي، حافظ نور احمد جتوئي، ظهير عباس پنهور، عرفان بدر سهول، عاشق ڪوسو ۽ ٻين سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ۽ ميهڙ پريس ڪلب آڏو گيت ٻڌائي داد ورتو.

بقايا 16

عمران الحسن خواجہ چيو آهي تہ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ گهريلو پالتو چوپائي جانور معاشي لحاظ سان ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا تنهنڪري انهن چوپائي مال کي بيمارين کان محفوظ رکڻ لاءِ يونين ڪائونسل صدرٽ ءِ اوڊ ۾ پالتو جانورن ۾ چوٽياريون ڊيم ءِ نارا ڪينال مان پاڻي سيپيج جي وجہ سان بيمارين جي خدشي سبب ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيميل هسبنڊري سانگهڙ دوست اڪبر مري جي سربراهي ۾ ٽيمون جوڙيون ويون، جن 9853 جانورن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسين ڪئي ۽ 112 بيمار جانورن جو علاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر دوست اڪبر مري ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ خوشي محمد راجپوت اطلاعات کاتي سانگهڙ سان ڳالهائيندي چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ جي خاص هدايت تي ويٽرنري ڊاڪٽر ايس اي ڀٽو ۽ ٽيڪنيڪل ماهرن تي مشتمل ٽيمون جوڙيون ويون آهن. جيڪي ضلعي جي گهريلو پالتو جانورن کي ويڪسين ڪرڻ سان گڏوگڏ کين کير ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ دوائون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. جنهن سان ٻهراڙي وارن علائقن ۾ مال پالڻ جي رجحان ۾ واڌارو ٿيندو ۽ خوشحالي ايندي

بقايا 17

ريڪارڊ ڪرايو ۽ پريس ڪانفرنس ڪئي. جنهن ۾ مرڪزي ناظم حضرت مولانا سعود افضل هاليجوي، مولانا عبيدالله لغاري، مولانا اسلام حق لغاري، مولانا ممتاز چاچڙ، مولانا حماد الله چاچڙ، مولانا گل محمد چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌوءِ درياءَ جي پاڻي تي 6 نوان ڪئنال سنڌ جي تباهي آهي جڏهن تہ سنڌ اندر ۽ خاص طرح ضلعي گهوٽڪي جي عوام امن ۽ امان جي خراب صورتحال سبب عذابن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن مٿس حڪومت جي 6 نوان ڪئنال ٺاهڻ واري فيصلي عوام اندر بي چيني پيدا ڪري ڇڏي آهي عوام جي درد جي ترجمان جميعت علماءِ اسلام پنهنجي عوام سان هر ڏکي وقت ۾ گڏ آهي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشون هرگز پوريون نہ ٿيڻ ڏيون. اعلي قيادت جي حڪم تي 25 فيبروري تي جميعت علماءِ اسلام سنڌ پر عوامي اشوز تي پرامن احتجاجي ريليون ڪڍي سنڌ سان وفاداري جو اعلي ثبوت پيش ڪندي حڪمران جماعت کي گهرجي سنڌ دشمن پاليسيون فورن بند ڪيون وڃن ۽ سنڌ جي جيابي لاءِ 6 نوان ڪئنال ٺاهڻ واري ڪم کي روڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ اعلي قيادت جي حڪم تي پنهنجي سنڌ جي عوام سان گڏ آهيون.

بقايا 18

آف هيپاٽالاجي جي گيسٽرو اينٽرولاجي ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان ٻن ڏينهن وارو انڊو اسڪوپي ورڪشاپ چانڊڪا ٽيچنگ اسپتال جي گيسٽرو انٽيرولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪوٺايو ويو. ورڪشاپ جي پهرين ڏينهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي گيسٽرو انٽيرولاجي ڊپارٽمينٽ جي سربراهہ پروفيسر ڊاڪٽر علي حيدر بلوچ، لاهور مان آيل ملڪ جي نالي واري ڊاڪٽر پروفيسر انوار خان، جناح اسپتال لاهور جي سربراهہ پروفيسر شاهد سرور، شيخ زيد اسپتال لاهور جي سربراهہ پروفيسر ڪاشف ملڪ، سول اسپتال ڪوئيٽا جي ڊاڪٽر داؤد گل زئي، ڊاڪٽر غلام عباس گل، ڊاڪٽر ياسر محمود، دبئي مان آيل ڪيلاش ماڪيجاني سميت پرڏيهي ماهر ڊاڪٽرن آن لائين شرڪت ڪري 200 کان وڌيڪ پوسٽ گريجوئيٽس، جنرل فزيشن، جنرل پريڪٽيشنر ڊاڪٽرن ۽ شاگردن کي جيري، معدي ۽ وڏي آنڊي ۾ مبتلا 20 مريضن جو آپريشن ڪري پيچيدگين ۽ علاج ۾ بنيادي توڙي جديد طريقن جي استعمال بابت سکيا ڏني. ان حوالي سان جيري ۽ معدي جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي گيسٽرولاجي ڊپارٽمينٽ جي سربراهہ ڊاڪٽر علي حيدر بلوچ چيو تہ ٻن ڏينهن واري انڊو اسڪوپي جي ٻن ڏينهن واري سائنسي ورڪشاپ ۽ سمپوزيم ۾ اڄ پهرين ڏينهن 200 کان وڌيڪ ڊاڪٽرن کي ملڪي توڙي غيرملڪي ماهر ڊاڪٽرن سکيا ڏني

بقايا 19

ڪنري جي علائقي نبي سر جي ڳوٺ موڏو ۾ جوڳي قبيلي ۾ تعليم جي بهتري آڻڻ لاءِ تعليمي آگاهي سيمينار ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ جو ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ جوڳي قبيلي جي استادن، شاگردن ۽ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جوڳي ينگ اتحاد سنڌ جي اڳواڻن علمدار سڪندر جوڳي، ساجد حاڪم جوڳي، وزير علي جوڳي، اشوڪ ڪمار جوڳي، شيوا رام جوڳي، وحيد علي جوڳي، وقار علي جوڳي ۽ جوڳي سڄاڳ تنظيم جي اڳواڻن ناگيش ڪمار جوڳي، ڏيون جوڳي، عميدالال جوڳي، مگهارام جوڳي، تيرٿ داس جوڳي گڏ ٿيل ميڙ کي خطاب ڪندي چيو تہ ملڪ جي ترقي تعمير ۾ سڄاڳ قومون تڏهن شامل ٿينديون آهن جڏهن هر طبقي جو ماڻهو پنهنجي اولاد کي تعليم جهڙي سوني زيور سان روشناس ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندو. اهيوئي سبب آهي تہ جوڳي ينگ اتحاد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آباد جوڳي قبيلي کي تعليم جي ميدان ۾ اڳيرو ڪرڻ لاءِ ڪوششان آهي. هاڻ ههڙا تعليمي آگاهي جا شاندار پروگرام ۽ سيمينار سنڌ ۾ جوڳي قبيلي جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪرائڻ جي منصوبابندي ڪئي وئي آهي. هنن چيو تہ اسان عمرڪوٽ ضلعي جي جوڳي برادري خاص طور تي سنڌ جي پلوڙ راڳي استاد سوڀو جوڳي، ارجن جوڳي، استاد ٻولو جوڳي، ميو جوڳي، امر جوڳي، راجو جوڳي ۽ تيجا رام جوڳي جن جو ٿورو مڃون ٿا. جن جوڳي ينگ اتحاد سنڌ جي جاکوڙي ٽيم سان ڀرپور ساٿ ڏئي هتي نبي سر ٿر شهر ۾ اهڙو شاندار پروگرام جو انتظام ڪرايو. ان موقعي تي جوڳي قبيلي جي نوجوان ويزوئل آرٽسٽ شيوا رام جوڳي کي اپريسيئشن ايوارڊ سميت، استاد سوڀو جوڳي، ناگيش ڪمار جوڳي، اشوڪ ڪمار جوڳي، ارجن جوڳي ۽ ڏيون جوڳي کي ميڊل ايوارڊ ڏنا ويا.

بقايا 20

اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ وائيس چيئرمين محمد صفر ميمڻ، چيف ميونسپل آفيسر سيد محسن شاهہ اڪائونٽ آفيسر دانش مشتاق سميت مختلف وارڊن جي ڪائونسلرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ شهر اندر هلندڙ ترقياتي ڪمن بابت غور ويچار ڪيو ويو ۽ جن وارڊن ۾ ڪم ڪيو ويو آهي ان بابت ڪائونسلرن چيئرمين کي آگاهي ڏني ۽ تجويزون پيش ڪيون. ان موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي زنوار گل محمد پنهور اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان ۽ صوبائي وزير بحالي مخدوم محبوب الزمان جن جي هدايتن تي شهر ۾ وڏ کان وڏ ڪمن جو جار وڇايو آهي. جتي جتي گيس پائيپ لائين جا ڪم ختم ٿين ٿا اتي جلد ڪم شروع ڪري شهرجي عوام کي رليف ڏنو پيو وڃي. هن چيو تہ شهرجي مختلف وارڊن جا رهيل ڪم پڻ تمام جلد مڪمل ڪيا ويندا جڏهن تہ شهر اندر پاڻي نيڪال جا نالا ۽ هيوي پائيپ لائين وڇائي برساتي پاڻي جي نيڪال جو مسئلو هميشہ لاءِ حل ڪري ڇڏيو آهي. اجلاس جي آخر ۾ وارڊ چوٿين جي بيمار ڪائونسلر جبار مهر جي صحتيابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 21

خطاب ڪندي زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙن ڊاڪٽر طفيل چانڊيو نقاش علوائي امير ازاد پنهور ڊاڪٽر علم الدين انصاري عبدالله ملاح لالا هارون گوپانگ خادم ٽالپر مير بليدي الهڏنو ملاح قرب علي انصاري آپا حميدهہ خاصخيلي پارس شاهہ بختاور جمالي فيض اڊيجو چيو تہ ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي بي وقتائتي موت تي پوري سنڌ ڏکاري آهي سندس وفات بعد پيدا ٿيل خال پورو ٿيڻ تمام ڏکيو آهي هن چيو تہ ڊاڪٽر آڪاش انصاري شاعري اتساهہ پيدا ڪندي رهي آهي سنڌ لاءِ جدوجهد جون جيڪي بہ تحريڪون هليون تنهن ۾ سندس ڀرپور ڪردار رهيو هن وقت بہ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن جي خلاف هلندڙ تحريڪن ۾ سندس سگهاري آواز ۽ شاعري جي ڪمي محسوس ٿي رهي آهي هنن چيو تہ افسوس سان چوڻو ٿو پوي اسان جي تعليمي ادارن ۾ منشيات جو سرعام استعمال ٿي رهيو آهي انهي منشيات آئيس اسان کان آڪاش کسي ورتو آهي اسان کي هاڻي اسان کي هاڻ ان معاشرتي برائي منشيات خلاف جدوجهد هلائڻي پوندي جيئن هاڻي ڪو بيو آڪاش نہ کسجي سگهي انهي موقعي نئين ٿهي جي فنڪارن بالاچ حيدري ڪريم ڪچي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي شاعري هن دل ڪرڻ ٿي چاهيا هزار جهڙا گيت ڳائي ماحول سوڳوار بڻائي ڇڏيو

بقايا 22

متاثر ڌر ملڪ اختر، ملڪ منير احمد ۽ برادري جي درجنين ماڻهن نيشنل پريس ڪلب ڏهرڪي پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ اجمل ڪوير اسان جي پراپرٽي تي ناحق قبضو ڪرڻ چاهي ٿو روز هٿياربند ماڻهو موڪلي حراسان ڪري اسان کي لڏائڻ چاهي ٿو اسين مزدور پيشہ ماڻهو آهيون، پراپرٽي جنهن ۾ دڪان ۽ گهر ٺهيل آهن. ذاتي اسان جي پراپرٽي آهي احتجاج ڪندڙن چيو تہ ان معاملي جي ڏانهن ڪئي اسين ڏهرڪي پوليس وٽ پهتاسين پر بااثر شخص اجمل ڪوير جي خلاف پوليس ڏانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. بااثر شخص پراپرٽي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي ڌمڪائي پيو اسان کي ٻارن کي جاني مالي نقصان جو خطرو آهي متاثرن آئي جي سنڌ، ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ڏهرڪي ۽ ٻين وس وارن تحفظ ۽ انصاف جي گهر ڪئي ۽ بااثر ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي جو پڻ مطالبو ڪيو.

بقايا 23

سان ملهايو ويو جنهن مريد ۽ عقيدت مندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پيرسلطان شاهہ ابراهيم جي درگاهہ تي چادر ۽ گلن چادر چاڙهي پڻ دعا گهري وئي عقيدت مند ۽ مريدن سکر شڪارپور ٺل ميرپور برڙو لکي چڪ ۽ ٻين شرڪت ڪئي جنهن جي اڳواڻي فقير امداد حسين پيرزادو، سليم خان برڙو، ڊاڪٽر آغا لياقت علي پٺاڻ، ڊاڪٽر رضا علي خان پٺاڻ، ڊاڪٽر آغا غضنفر علي پٺاڻ، آغا محمد علي خان پٺاڻ، آغا محسن علي خان پٺاڻ، راجہ قاضي، عبدالرحمان قاضي، محمد راحفي قاضي، راحيل احمد قاضي محمد علي چنو ۽ آغا سليم خان پٺاڻ، فنڪارن ۾ عبدالحئي برڙو، يوسف جوڳي، محراب جوڳي، شهزادو جوڳي، اميربخش جوڳي ڀاهنو جوڳي عرس جي ميلي شرڪت ۽ صوفياڻو راڳ ٻڌائي وينلن عقيدت مندن کي جهومائي ڇڏيو آيل مريدن عقيدت مندن ۾ نياز نگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 24

اکين جي ڪئمپ جو افتتاح پ پ پ سنڌ ڪائونسل ميمبر امتياز پاشا ڀٽ، سگا جي مرڪزي اڳواڻ احمد حسن جاويد پنهور، نور محمد سيال، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، بدر پلہ ڪيو. ڪانفرنس ۽ تقريب کي پ پ پ سنڌ ڪائونسل ميمبر امتياز پاشا ڀٽ، سگا جي مرڪزي اڳواڻ احمد حسن جاويد پنهور، نور محمد سيال، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، بدر پلہ، احمد علي تنيو سيد محمد شاهہ، ڊاڪٽر هيمن داس، آزاد انور ڪانڌڙو، ڊاڪٽر گووندا، دليپ ڪمار، اعظم پنهور، انجنيئر اسلم چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ سگا ميهڙ 36 سالن ۾ سماج ۾ غريب، مسڪين ماڻهن جي خدمت ۾ اڳيري رهي آهي، سگا جي سماجي خدمتن جي واکاڻ ڪندي هنن چيو تہ سگا جو روشن تارا اسڪول تعليم جي ميدان ۾ بهتر ۽ وقتائتو قدم آهي2

بقايا 25

واپڊا جو رينجرس ۽ پوليس سان گڏ سيتاروڊ شهر ۾ سرچ آپريشن 4 ڄڻن کان بل بہ قسط ذريعي رڪور ڪيا ويا ان موقعي تہ ايس ڊي يو سيتاروڊ غلام محمد سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ بقايا بل جمع نہ ڪرائيندڙ ۽ بجلي چوري ڪندڙن کي ڪا بہ رعايت نہ ملندي گرفتاري جو عمل بہ جاري آهي پر هن وقت تائين سيتاروڊ شهر ۾ گرفتاري عمل نہ آئي آهي سيتا جي ماڻهن تعاون ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ بجلي چوري ڪندڙ ۽ بقايا جمع نہ ڪرائيندڙ جلد سيپڪو سان رابطو ڪن ٻئي صورت ۾ گرفتار ڪري سندن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا 26

مغل جي قيادت ۾ سکر پوليس جي 23 ڏينهن واري ڪارڪردگي رپورٽ جاري، ترجمان ايس ايس پي سکر جي جاري ڪيل رپورٽ موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي قيادت ۾ سکر پوليس جا 09 مقابلا ٿيا جنهن دوران پوليس مقابلن ۾ 01 ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار جڏهن تہ 14 ڏوهارين کي حراست ۾ ورتو ويو ۽ 04 گينگ برسٽ ڪيا ويا. 23 ڏينهن دوران، 34 اشتهاري ۽ 81 مفرور جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جيڪي انتهائي گهربل سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ ملوث هئا. جڏهن تہ 51 کان وڌيڪ موبائيل فون هٿ ڪيا ويا جن ۾ 1 چوري ٿيل ڪار، 29 موٽرسائيڪل ۽ 11 ٻيون موٽرسائيڪلون ۽ گاڏيون شامل آهن. اهڙيءَ طرح صالح پٽ واري علائقي ۾ وڏي ڪامياب ڪارروائي ڪندي صالح پٽ ٿاڻي جي حدن کان 1 ڪروڙ 70 لک جي چوري ٿيل رولڪس ڊائمنڊ واچ (گهڙي) هٿ ڪري اصل مالڪ جي حوالي ڪئي وئي. سکر پوليس غير قانوني هٿيارن جي خلاف مهم ۾ وڏي تعداد ۾ غير قانوني هٿيار بہ هٿ ڪيا. جنهن ۾ 19 پسٽول ۽ 51 گوليون شامل آهن. ساڳي طرح منشيات واپارين ۽ جوارين جي خلاف بہ ڪريڪ ڊائون جاري رهي جوارين خلاف مختلف پوليس اسٽيشنن تي ڇاپن دوران 115 جوارين کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 3 لک 19 هزار کان وڌيڪ ڪيش هٿ ڪئي وئي جڏهن تہ سوين منشيات فروشن کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 11 ڪلو 450 گرام چرس، 259 شراب جون بوتلون، 81 ڪلو 940 گرام گٽڪا ۽ پان پراگ ۽ 42 ڪلو 600 گرام ڀنگ هٿ ڪيو ويو. اهڙي طرح سکر پوليس بين الصوبائي انساني اسمگلرن جي گينگ برسٽ ڪندي 02 مغوين کي بازياب ڪرائي ملوث 02 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. ايس ايس پي سکر اظهر خان عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ انشاءالله اڳتي بہ سکر پوليس پنهنجي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائيندي ۽ سماجي برائين، ڏوهارين خلاف ڪارروائي جاري رهندي.

بقايا 27

۽ وزير اعلي سنڌ جي هدايتن کي ٺڏي وڏن آفيسرن کي ٻيهر ترقين لاءِ اجلاس گهرائي ورتو ننڍن ملازمن سان 35 سالن کان زيادتين خلاف ننڍا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا ڊپارٽمينٽ جي ڪرپٽ آفيسرن کي واڪو ڪرڻ لاءِ احتجاج جو اعلان ان ڏس ۾ اسپيشل ايجوڪيشن سنڌ جي DEPD جي ننڍن ملازمن جي تنظيم آل سنڌ نان گزيٽيڊ ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي اڳواڻن رئيس احمد ابڙو، محمد سليم ڪوسو، نويد راجپوت، پير جهانيان شاهہ، خالد حسين پتافي، غلام رسول گل مهر ۽ عبدالسميع سولنگي چيو آهي تہ اسپيشل ايجوڪيشن ۽ بحالي واري سينٽرن جي ملازمن پاران 35 سالن کان پروموشن کان محروم رکڻ خلاف سلسل احتجاج بعد سنڌ حڪومت ملازمن جي پروموشن لاءِ رقم مختص ڪئي پر ان ڊپارٽمينٽ جي ڪرپٽ ريجنل آفيسرن ۽ سيڪريٽريٽ جي ڪرپٽ سيڪشن آفيسر(بجٽ) ملي ڀڳت ڪري ننڍن ملازمن جي پروموشن جا فائل گم ڪري ٻاهران ضم ٿيل ۽ پهريان ايوارڊ ذريعي گريڊ 17 ۽ گريڊ 18 جي سوشل ولفيئر ۽ وفاق مان آيل ملازمن کي ڪروڙن رشوت عيوض ٻيهر پروموشن لاءِ جنرل ايڊمنسٽريشن سنڌ سان ملي اجلاس گهرائي ڇڏيو جڏهن تہ ننڍن ملازمن جي فائلن کي ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏيو. اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ ڊپارٽمينٽ جي هڪ طاقتور سيڪشن آفيسر(بجٽ) وزير اعلي ۽ سيڪريٽري جي واضح هدايتن کي رد ڪندي رشوت جو بازار گرم ڪري رکيو آهي ۽ بنا رشوت جي اسپيشل ٻارڻ جي بحالي اداري ۾ ڪو ڪم نہ ٿئي رهيو آهي اسين مطالبو ڪري رهيا آهيون تہ ننڍن ملازمن جي جائز حقن ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ڪرپٽ آفيسرن کي ان محڪمي مان نيڪالي ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ سموري سنڌ جا ملازم اسپيشل ٻارن کي ساڻ ڪري سخت احتجاج ڪندا..

بقايا 28

مڃيندڙ گهڻ پاسائين شخصيت ليکڪ، ڪالم نگار، نويس جنهن سنڌي ٻولي، ادب، فن ۽ تعليمي ميدان ۾ وڏي مڃتا ماڻي، ان شخصيت سائين، بخت حسين برڙو جو جنم ڏهاڙو خيرپور ناٿن شاهہ پريس ڪلب جي صحافي دوستن پاران ملهايو ويو ان موقعي تي هاءِ ڪورٽ جي نالي واري وڪيل سيد لال شاهہ، ڪي اين شاهہ پريس ڪلب جي صدر قربان علي ٻگهيو، ڊاڪٽر سيد ارباب علي شاهہ، ڊاڪٽر امداد حسين ڪلهوڙو، چيمبرس آف ڪامرس ضلعہ دادو جي نائب صدر عمران زنگيجو، احمد علي چانڊيو، غلام مصطفي چنو، برڪت علي چانڊيو، نويد قربان ٻگهيو، احمد حسين چانڊيو، وڪيل اعجاز ٻگهيو، ساس جي اڳواڻ سائي محبوب زنگيجو، فياض بخت برڙو، وڪيل حاڪم پنهور، شاعر خادم سوڍر، سيد اڪرام شاهہ، ارشد علي ٻگهيو، عارب ڪوسو، شفيق الزمان لغاري، عبدالباسط چانڊيو ۽ ٻين ڳالهيندي چيو تہ سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي درد کي ٻاروتڻ کان روح ۾ سانڍ هلندڙ شخص جو روح جو ڪيڏو نہ نازڪ ۽ اجرو هوندو ادبي حرفتن واري جَهان ۾ هُو سدائين هڪڙي خاموش پانڌ جيان پڙهندو ۽ ڪڙهندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ تنقيد جي مد ۾ وٽس وڏي پرک ۽ گهڻو توازن آهي باوجود ان جي هُو ڪڇندو ڪونهي بس ڌيرج سان ڪڏهن رهنمائي تہ ڪڏهن رهبري ڪندو آهي اجايو اُپامندو ڪونهي. سندس ڪهاڻين ۾ ملڪ ۾ ٿيندڙ اٿل پٿل ۽ ڌرتي تي ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت جو عڪس نظر ايندو آهي بخت حسين برڙو ڪهاڻيءَ جي جَهان جو وڏو نالو آهي ڪهاڻيءَ کي اوپر اوڀ جي پيمانن ۾ تڪڻ توڙڻ جو قائل آهي. نہ وري ڪهاڻي کي ڪنهن نقاد جي ٻخيل نگاهہ سان ڏسندي واويلا جو شڪار آهي نہ ڪهاڻيءَ کي عظيم يا قديم ڪوٺڻ جي چڪر ۾ ڪو اجايو چڪر ڏيڻ جي ڪوشش ۾ آهي. جيڪو ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي ئي سمجهي ٿو جيڪا اسانجي پنهنجي ڪهاڻي آهي بخت حسين برڙو سنڌي ماڻهن جو پرچهلو آهي

بقايا 29

پاران سنڌي ٻن مزاحمتي شاعرن ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ياد ۾ سليم چنا لائبريري پاٽ شريف ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿي گذريو جنهن جي صدارت شاخ جي سيڪريٽري گلزار ڪلهوڙي ڪئي ان موقعي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي ڪائونسلر مير سردار چنڙ جوائنٽ سيڪريٽري خالد حسين منگي خزانچي منظور علي جوڻيجو آڊيٽر حاڪم علي ٻٽڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي هن ميڙاڪي جي شروعات ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي سيال جي ايصال ثواب ۽ سندن مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي جوائنٽ سيڪريٽري خالد حسين منگي ،،ڊاڪٽر آڪاش انصاري،، جو پروفائل بيان ڪندي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر آڪاش انصاري سنڌي ادب جو وڏو ستارو ۽ سنڌ جو مزاحمتي شاعر هو پاڻ بدين ۾ سن 1956ع تي ڄائو شاعري ڪيس گهرکان ئي ملي سندس والد شاعر هو ۽ سندس امڙ بہ سگهڙ هئي 1984ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس ڪيائين ڪاليج واري دور کان قومي شاعر طور اڀري آيو ڪيترائي انقلابي گيت لکيائين ۽ ڪيس جيل بہ ڀوڳڻو پيو صحافت ۾ بہ پاڻ مڃرايائين سندس شاعري جا بہ ڪتاب ،،ڪيئن رهان جلاوطن،، ۽ ،،اڌورا اڌورا،، ڇپجي چڪا ڪيترن ئي فنڪارن سندس شاعري ڳائي آهي افسوس 15 فيبروري 2025ع تي هي املهہ شخصيت اسان کان وڇڙي وئي ۽ ڪيس بيدردي سان قتل ڪيو ويو سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي اڳوڻي سيڪريٽري حاڪم علي ٻٽڙ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال بابت ويچار ونڊيندي چيو تہ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادبي سنگت مرڪز جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل رهيو ادبي حوالي سان سندس اڻڳڻيا ڪم آهن هي سنڌ جو بهترين شاعر هو تعزيتي ميڙاڪي ۾ نوجوان ليکڪ اظهار علي ڪلهوڙي ڊاڪٽر آڪاش جو نظم اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا پڙهيو تہ ماحول سوڳوار ٿي ويو سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سيڪريٽري گلزار ڪلهوڙي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي وڇوڙي سان سنڌ جو تمام وڏو نقصان ٿيو آهي هن تعزيتي ميڙاڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي ساٿين محمد اعظم ميمڻ صدام حسين چنا ذوالفقار علي ملاح شهاب الدين لانگاهہ زبير علي چنا شاهد حسين ميمڻ عاشق شبيرڻ پاٽائي شرڪت ڪئي ۽ ڪجهہ ساٿين ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي شاعري سان ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي

بقايا 30

سال 2025 جون چونڊون، جيڪا سينئر صحافين جي زيرنگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ متفقہ راءِ سان هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا جنهن ۾ صدر حسين بخش ڪهر، سينئر نائب صدر ارباب علي سهتو، نائب صدر علي گل ڪهر، جنرل سيڪريٽري عاشق حسين اسلامي ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا، علي گل ڪهر نائب صدر، سنيل احمد ڪهر جوائنٽ سيڪريٽري، الطاف ڀٽو انفارميشن سيڪريٽري، علي نثار آرائين فنانس سيڪريٽري، حنيف رضا بلوچ ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين چونڊيو ويو ان موقعي تي چونڊجي آيل صدر حسين بخش ڪهر چيو تہ صحافت هڪ مقدس پيشو آهي جنهن سان سچائي هجڻ ضروري آهي اسان مظلوم جا ساٿاري رهيا آهيون اڳتي بہ ان مشن کي جاري رکنداسين پوءِ ڪٿي ڪيترين بہ تڪليفون جو نہ اچن.

بقايا 31

تيوٽا پاران مقامي قبرستان جي برانچ جي عهديدارن ۽ ميمبرن گڏجي قبرستان جي صفائي سٿرائي ڪئي جنهن ۾ وڻن کي بي سيٽ ڪيو ويو ۽ پڻ ٻوٽا لڳايا ويا. حضور قبلا عالم محبوب سڄڻ سائين جن جي ڏنل پيغام مطابق اڪثر ڳوٺن جي مقامي قبرستان جي صفائي سٿرائي ڪئي وڃي. اسان پنهنجي جي مرشدن جي ڏنل فرمان مطابق خلق خدمت شجرڪاري. صحت. صفائي. تعليم. هنر پاڙي وارن سان سٺو سلوڪ رکڻ. ڪنهن انسان ذات جي ڪم اچڻ اسان جي مرشدن جو ڏنل پيغام آهي. روحاني طلباءِ جماعت برانچ قبول تيوٽا انشاءَ مرشدن جي ڏنل پيغام کي لبيڪ ڪندي ۽ ڪنڊ ڪڙڇ تائين مرشدن جو پيغام کي پهچائينداسين.

بقايا 32

ڊيٿ گرانٽ، ٻارن کي اسڪالرشپ، نيائين کي ڏاج سميت ٻيون اسڪيمون روڪي مزدورن جي فنڊن ۾ مبينا خردبرد خلاف ليبر هال لاهوري محلا کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن جو گشت ڪندي جناح باغ پهتي جتي هنن هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا، بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ڌرڻي جي اڳواڻي ڪندڙ صوبائي صدر زوار گوپانگ، ضلعي صدر گل ڪورائي، قادر ڪُرد، بشير ديناري، جميل ڀٽي، شعيب گوپانگ، غلام حيدر هڪڙو، رضا اسران، محمد خان لاشاري، زاهد ڪلر ۽ ٻين چيو تہ حڪمرانن جي عوام ۽ مزدور دشمن پاليسين سبب سنڌ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري سبب مزدور طبقو پيڙهجي ويو آهي، پاڻي جو هڙادو ڪوٽ پيدا ڪري سنڌ جي زراعت کي هٽ وٺي تباهہ ڪيو پيو وڃي. هنن چيو تہ سنڌ اڳ ئي پاڻي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ سنڌو درياهہ مان 6 ڪئنال اڏي سنڌ جي زراعت ۽ معيشت کي تباهہ ڪري لکين ايڪڙ زمين کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. هنن چيو تہ سنڌ جي زمينن جا مالڪ هتان جا مزدور، هاري ۽ ڌرتي جا وارث آهن جن کي بي گهر ڪري صدين کان آباد ماڻهن کي لڏائي اها زمين ڪارپوريٽ فارمنگ جي ذريعي عسڪري ۽ بين الاقوامي ادارن توڙي ڪمپنين کي ڏني پئي وڃي جنهن عمل جي اسين سخت مذمت ٿا ڪيون. هنن چيو تہ ٽن سالن کان سنڌ ويلفيئر بورڊ اسڪيمن جي بندش ۽ ويلفيئر بورڊ جي سيڪريٽري جي غيرقانوني دشمن قدمن ڊيٿ گرانٽ، ٻارن کي اسڪالرشپ، نيائين کي ڏاج ۽ ٻين اسڪيمن جي تصديق واري عمل جي تصديق ڊپٽي ڪمشنرن ۽ تپيدارن معرفت ڪرائڻ جا حربا استعمال ڪيا پيا وڃن.

بقايا 33

اروشي روٽيلا فلم ۾ رڳو 3 منٽن جي پرفارمنس لاءِ 3 ڪروڙ رپيا معاوضو ورتو. رپورٽس موجب، اداڪارا هر منٽ لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جي حساب سان معاوضو وٺندي آهي. جڏهن تہ ان سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي تہ فلم ڪامياب ٿيندي يا ناڪام. اروشي روٽيلا جي مجموعي مالي اثاثن جو ڪاٿو 236 ڪروڙ رپيا لڳايو ويو آهي. جنهن سبب اداڪارا جي مقبوليت آهي. انسٽاگرام تي 7.3 فالوورز آهن. فلم "ڊاڪو مهاراج" ۾ نندامورِي بالاڪرشنا هڪ اهڙي آفيسر جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي ڏاڍ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز اٿاري ٿو فلم جي ڪهاڻي هڪ بي ٻهي ڌاڙيل جي چوڌاري ڦري ٿي، جيڪو جابر ۽ بااثر خاندانن خلاف وڙهي ماڻهن کي انصاف ڏياري ٿو.

بقايا 34

۾ هڪ سيمينار ڪرايو ويو. سيمينار جي صدارت پروفيسر محمد سليم ميمڻ ڪئي. يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي جي ڊين پروفيسر شائستہ تبسم سيمينار خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي دانشور پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ، اردو شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر عظميٰ فرمان، فارسي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر رمضان ٻامري، پنجابي ٻولي جي ماهر توقير چغتائي، سنڌي شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر ناهيد پروين، لطيفيات جي ڄاڻو ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ ٻين سيمينار کي خطاب ڪيو سندن چوڻ هو تہ اڄ مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي سلور جوبلي آهي، هن موقعي تي اسان عهد ٿا ڪريون تہ پنهنجن گهرن توڙي دفترن يا مارڪيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائينداسين. ماهرن جو چوڻ هو تہ اسان کي پنهنجي پنهنجي مادري ٻولي بچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هنن چيو تہ مادري ٻوليءَ کي بچائڻ پنهنجن نسلن کي بچائڻ جي برابر آهي. سيمينار ۾ ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، ڊاڪٽر فردوس، ڊاڪٽر فخرالنساء ميمڻ، ڊاڪٽر زاهد سومري، ڊاڪٽر زيد پيرزادي، ڊاڪٽر غلام محمد برفت، پروفيسر وجدان رضا، ڪامريڊ سجاد ظهير سنڌي شعبي جي استادن ڊاڪٽر ساجد پروين، زاهده رئيسي، بيبي فاطمہ ابڙو سان گڏ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 35

وجهنداسين. پاڪستان ريٽيل بزنس ڪونسل جي چيئرمين زيد بشير جي اڳوائي ۾ وفد وزير اعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، وزير اعظم وفد جي آجيان ڪندي انهن کي مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. وزير اعظم ريٽيلرز جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت جاري ڪندي چيو تہ اهڙا رٽيلرز جيڪي ٽيڪس نيٽ ۾ موجود آهن انهن تي ٽيڪس جو وڌيڪ بار نہ وڌو ويندو. جڏهن تہ جيڪي ٽيڪس نہ ڏيندا آهن انهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جي لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم کڻي رهيا آهيون. هن چيو تہ استعمال ٿيل شين جي نالي تي ٿيندڙ اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ بہ قدم تيز ڪيا پيا وڃن. مقامي صنعت کي نئين ٽيڪنالاجي اختيار ڪري پنهنجي شين جي برآمد وڌائڻ گهرجي، جيئن اهي عالمي مارڪيٽ سان مقابلو ڪري سگهن. شهباز شريف جو چوڻ هو تہ ايف بي آر جي سڌارن سان گڏو گڏ حڪومت معيشت کي ڪيش ليس بڻائڻ جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ملڪ جي معيشت جي استحڪام لاءِ وزيراعظم ۽ سندس ٽيم کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ چيو تہ مهانگائي ۽ وياج جي شرح ۾ نمايان گهٽتائي سبب شين جي وڪري ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، جيڪو سٺو سنئوڻ آهي. اميد آهي تہ انهن قدمن سان مهانگائي ۾ وڌيڪ گهٽتائي ايندي. شرڪت ڪندڙن چيو تہ حڪومتي قدمن سبب صنعتن جو ڦيٿو ڦرڻ سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. حڪومتي سڌارا سٺي اڳڀرائي آهن ۽ انهن جو معيشت تي مثبت ۽ ڊگهي مُدي لاءِ سٺو اثر پوندو. رٽيلرز کي ٽيڪس نظام ۾ آڻڻ سان ملڪ جي آمدني ۾ اضافو ٿيندو. اجلاس ۾ پاڪستان ريٽيل بزنس ڪائونسل جي چيئرمين زيد بشير، سروس سيلز ڪارپوريشن جي سي اي او شاهہ حسين، بيچ ٽري جو سي اي او شهريار بخش کان علاوه وفاقي وزير احسن اقبال، جام ڪمال خان، احد خان چيمہ، محمد اورنگزيب، رانا تنوير حسين، مملڪتي وزير علي پرويز ملڪ ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 36

ساريو روشن برڙو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ڌرڻو حڪومت خلاف سخت نعريبازي سنڌ پنجاب ۽ بلوچستان سميت چئني صوبن جي ٽريفڪ معطل هزارين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافر گاڏين ۾ سوار عورتون ۽ ننڍن ٻارن سميت مسافر پريشانين ۾ ورتل رهيا خبر موجب دريائي سنڌ مان پنجاب ۾ ڇهن ڪئنالن جي ڪڍڻ سبب جسقم پاران ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ پنهل ساريو جي اڳوائي ۾ سوين ڪارڪنن سان گڏ نيشنل هائي وي ٻبرلوءِ بائي پاس تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جڏهن تہ حڪومت خلاف سخت نعريبازي ۽ چيو تہ دريائي سنڌ مان چولستان سميت ٻين ڪئنالن ڪڍڻ سبب سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون بنجر ٿي وينديون هڪ سازش تحت حڪمران اهڙا منصوبا جوڙي سنڌ کي بنجر ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن هنن چيو تہ پيپلز پارٽي هميشہ سنڌ دشمن منصوبن جي حمايت ڪئي آهي پاڪستان پهريان بہ ٽٽي چڪو آهي اهڙا منصوبا نہ جوڙيا وڃن جن سان ملڪ کي ٻيهر نقصان ٿئي جڏهن تہ جسقم ڌرڻي سبب سنڌ پنجاب ۽ بلوچستان سميت چئني صوبن جي ٽريفڪ ٻيهجي وئي هزارين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافر گاڏين ۾ سوار عورتون ۽ ننڍن ٻارن سميت مسافر پريشانين ۾ ورتل رهيا

بقايا 37

ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي ئي سمجهي ٿو جيڪا اسانجي پنهنجي ڪهاڻي آهي بخت حسين برڙو سنڌي ماڻهن جو پرچهلو آهي

بقايا 01

تي پيڪا ايڪٽ جي قانون خلاف ڌرڪي ۽ قلم ڏٽين جو احتجاج ۽ ريلي پيڪا ايڪٽ خلاف لالا قادر پٽو جي قيادت ۾ صحافين مک چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مارچ ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي لالا قادر پٽو وجي ڪمارچاولا اجيت ڪمار محمد اسلم حسيني، عابد ملڪ،مير حسن لاشاري، رفيق احمد سميجو سجاد حسين منگي، امتياز پٽو قادر جت، سڪندر علي سومرو سميت شهرين پاران وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وئي، ان موقعي تي پيڪا ايڪٽ جي ڪاري قانون جي باري ۾ لالا قادر پٽو وجي ڪمارچاولا محمد اسلم حسيني ۽ ٻين چيو تہ سوشل ميڊيا تي آزادي اظهار مٿان پيڪا ايڪٽ لاڳو ڪري پابندي مڙهي وئي آهي اسين هن ڪاري قانون کي رد ڪيون ٿا. پاڪستان يونين آف جرنلسٽس اهڙي هٽ ڌوڪي قانون جي ڪڏهن بہ حمايت ڪون ڪندي

بقايا 02

۾ رهندڙ خاصخيلي برادري جي مختلف ڳوٺن جو دورو ڪري خاصخيلي برادري جي معززين سان ميل ملاقاتن جو سلسلو تيز ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ديہ يوسي شاهہ مريد جي تنظيم سازي ڪئي وئي جنهن ۾ صدروحيد خاصخيلي،نائب صدر غلام سرور خاصخيلي جنرل سيڪريٽري محمد اقبال خاصخيلي چونڊجي ويا.پاڪستان خاصخيلي تنظيم جي مرڪزي صدر منثارخاصخيلي اولہ پريس ڪلب جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ هتي ڪراچي ۾ رهندڙ اسان جي خاصخيلي برادري تمام گهڻي آهي انگريزن جي حڪومت کان بہ اڳ۾ جا هتي رهن ٿا اسان سنڌي آهيون پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ رهندڙ خاصخيلي برادري جي ماڻهن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري هڪ مضبوط طاقت بڻجي پنهنجي وطن جي خدمت ڪنداسين ۽ پنهنجي برادري جي مسڪين ماڻهن جو سهارو بڻجنداسين اسان جو هڪ ئي نعرو آهي تہ خاصخيلي برادري کي مضبوط ۽ منظم بڻايون آن موقعي تي محمد اقبال خاصخيلي جو چوڻ هيو تہ اسين ديہ يوسي شاهہ مريد جا خاصخيلي برادري منثارخاصخيلي جا شڪر گزار آهيون جن اسان تي اعتماد ڪري پاڪستان خاصخيلي تنظيم ۾ شامل ڪيو ۽ اسان جي ڪوشش آهي تہ پنهنجي برادري جي ماڻهن جي ڏک سک ۾ گڏ بيهون آن موقعي تي رئيس ظفر خاصخيلي،اشرف خاصخيلي، گلزار خاصخيلي، رئيس عبدالله خاصخيلي، رشيد خاصخيلي، سميت مير بروهي خميسو برفت ۽ ٻيا موجود هيا

بقايا 03

طرفان بدامني ۽ ايل پي گئس جي قيمتن ۾ هڪرادو واڌ خلاف شهر جي اولڊ بس اسٽينڊ کان رڪشائن تي چڙهي احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن گلزار علي گوپانگ، انور علي جتوئي، اظهر علي ڪهاوڙ، نظام ڪوڪر امام الدين جاگيراڻي، عرفان علي سولنگي ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو تہ لاڙڪاڻي شهر ۾ بدامني سبب رڪشہ ويگن، بس، ڪوچن ۽ ٻين گاڏين توڙي روڊن تي ويندڙ شهرين کان ڦرلٽ ڪري گهرن ۾ ڌاڙا هڻي ڦرمزاحمت تي واپارين ۽ پورهيتن کي گوليون هڻي قتل ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري عام ماڻهن، واپارين سان گڏ پورهيت طبقو بہ غيرمحفوظ بڻيل آهي. هنن چيو تہ ڪراچي، حيدرآباد، دادو سميت ٻين شهرن ۾ ايل پي جي گئس في ڪلو 240 روپين ۾ وڪرو ٿي رهي آهي جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ ايل پي جي گئس جي قيمتن ۾ هڪرادو واڌ ڪري 280 روپيہ في ڪلو وڪرو ڪئي پئي

بقايا 04

ڪان شروع فرينڊس آف مڪي جي ميزباني هيٺ، سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي، ڪلچر ڊپارٽمينٽ، ۽ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرس ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان ٻہ ڏينهن وارو مڪي فيسٽيول اڄ کان شروع ٿي رهيو آهي. ميلي ۾ ملاکڙو، اٺن جي ڊوڙ، ٻيڙين جي ريس ۽ ٻين رانديين جا مقابلا منعقد ٿيندا. جڏهن تہ سگهڙن جي ڪچهري، مشاعرو، ۽ محفل موسيقي بہ شريڪ ٿيندڙن جي دلچسپيءَ جو مرڪز هونديون. علائقائي روايتن کي اجاگر ڪندي، ميلي ۾ مٿاين جا اسٽال، ٻارڙن لاءِ جهولا، ۽ هٿ جي هنر سان ٺهيل شيون بہ موجود هونديون. محفل موسيقي ۾ علائقائي فنڪارن سان گڏ، مشهور لوڪ فنڪارا خوشبو لغاري بہ پنهنجو فن پيش ڪندي، جيڪا ميلو گهمڻ ايندڙن لاءِ هڪ خاص دلڪش لمحو ثابت ٿيندي.

بقايا 05

شاگردياڻين جي الوداع تقريب جو هڪ خوبصورت پروگرام منعقد ڪيو جنهن جي شروعات قرآن پاڪ سان ڪئي وئي جڏهن تہ ان موقعي تي اسڪول شاگردن ۽ شاگرديائي موقعي گيت ٽيبلوز تقريون پيش ڪيون ويون انموقعي تي اسڪول ۾ سٺي ڪاردگي تي استادن ۽ شاگردن بهترين ڪاردگي تي مڃتا طور سليڊ پيش ڪئي وئي اسڪولي شاگردن پنهنجي دوستن کان موڪلائي محل جذباتي منظر جڏهن تہ ان موقعي تي خطاب ڪندي پرنسپال سر رضوان مهر عبدالله چانڊيو سر الطاف مهر ۽ ٻين چيو استاد جي زندگي بدلائي ڇڏيندو آهي هن وڌيڪ چيو تہ تعليم انسان جي ٽئي اک آهي هنن چيو تہ جيڪي بار گڊلڪ گرامر هاءِ اسڪول ۾ پڙهي ويا آهن اهي اڄ انجنيئر ۽ آفيسر ٿاآهن

بقايا 06

جيڪا بہ ٿا ڪرڻ چاهيون. شادي دوران خوشي ۾ اتفاق ٿيو.ان ڪيس ۾ اسان کي نامزد ڪيو ويو آهي.-ايس ايس پي دادو،فريدآباد ايس ايڇ او شفاف جاچ ڪرائي سگ ڏياريو وڃي - تفصيل موجب ڳوٺ عاليوال جي رهواسي چانڊيا برادري جي معزز رٽائر پوليس جمعدار حاجي خان چانڊيو هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ عاليوال ۾ منهنجي پٽ ڳهوٽ خادم چانڊيو جي شادي هئي.خوشي ۾ فائرنگ ٿي هئي - جنهن ۾ اتفاق سان معصوم 4 مهينن جو ڪير پياڪ مالڪ گولي لڳڻ ڪري قتل ٿيو هو.جنهن جو اسان مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو هو. هن چيو تہ اسان پاڻ ۾ ٺهي ويندا سين. ڪجهہ شريسند ماڻهو اسان ٻائرن کي ويڙهائڻ چاهن ٿا. هن چيو تہ منهنجي نهن حاجران کي ڳهوٽ جي حوالي نٿو ڪيو وڃي. جيڪو غيرقانوني عمل آهي - چوڪري جو والد امداد عرف بوجي سگ روڪي خون خرابو ڪرڻ چاهي ٿو.اسان پ پ ايم پي اي نواب سردار خان چانڊيو ،ايس ايس پي دادو-فريدآباد ايس ايڇ او منور چانڊيو کان مطالبو ڪيو تہ پرٽيل سگ واپس ڪرائي ڏنو وڃي ۽ ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي-ٻي صورت ۾ قانوني رستو اختيار ڪيو ويندو

بقايا 07

ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ چوهڙ جمالي شهر ۾ پوليس انتظاميہ جي نااهلي سبب بدامني جي باهہ ڀڙڪي پئي آهي موٽر سائيڪلن جي سرعام چوري سميت دڪانن کي ڪاٽ لڳڻ معمول بڻجي ويو آهي ڪوبہ شهري محفوظ ناهي هتان جا واپاري امن چاهين ٿا پر انتظاميہ شهر ۾ امن وامان ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي واپارين جي چوري واپس ڪرائڻ ۾ پوليس ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪيو آهي چوهڙ جمالي شهر ۾ پوليس جي رحم ڪرم سان منشيات جو ڪاروبار سرعام هلي رهيو آهي پر انتظاميہ منشيات کي روڪڻ عيوض پنهنجا پتا وڌائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جنهن جي ڪري منشيات بند ٿيڻ بدران ڏينهون ڏينهن تيزي سان وڌي رهي آهي هنن وڌيڪ چيو تہ چوهڙ جمالي شهر ۾ بجلي ۽ گئس جو بحران بہ چوٽ چڙهي ويو آهي جنهن جي هتان جا شهري ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهن پر ڪنهن جي بہ ڪن تي ڪابہ جون نٿي سري هنن ايس ايس پي سجاول کي الٽيميٽم ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر واپارين جو ٽيل چوريون واپس ڪرائي وڌندڙ بدامني تي ڪنٽرول نہ ڪيو ويو تہ اڳاري جي ڏينهن چوهڙ جمالي ٿاڻي اڳيان روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو بدامني ۽ منشيات جي روڪٿام تائين احتجاج جاري رکيو ويندو

بقايا 08

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ آزادي ماڻيندڙ 22 ڀارتي ماهيگيرجن ۾ ٽي مسلمان ۽ 19 هندو آهن. انهن ماهيگيرن کي پاڪستاني سمنڊري حدودن جي خلاف ورزي جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو. جن کي جاٽايل جيل ۾ گذريل اڍائي کان ٽن سالن جي دوران قيدي هئا. هن ٻڌايو تہ مٿن غيرقانوني طور تي مڇين جي شڪار تي پاڪستاني اٿارٽي حراست ۾ ورتو هو ۽ ماهيگيرن مقامي عدالتن کان مليل ڏوهن جي سزا مڪمل ڪري ورتي آهي. هن چيو تہ ماهيگيرن کي انساني همدردي جي بنياد تي آزاد ڪري انهن کي وطن روانو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ جيل مان آزادي وقت ماهيگيرن کي خرچ سميت تحفا بہ ڏنا ويا. هن وڌيڪ چيو تہ ڊسٽرڪٽ جيل ملير ۾ هن وقت وڌيڪ 198 ڀارتي ماهيگير سزا ڪاٽي ڪري رهيا آهن جن کي جيل مينيول تحت سهولتون پڻ ڏنيون آهن.

بقايا 09

وئي جنهن ۾ ميمبر بورڊ آف ڊائريڪٽرز سيد شاهہ زمان شاهہ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد فيض الله ڏاهري، سپريٽينڊنٽ انجنيئر آپريشن سرڪل نوابشاهہ فرمان علي ڏاهاڻي ۽ حيسڪو عملدارن شرڪت ڪري ماڻهن جا مسئلا ٻڌا. کلي ڪچهري ۾ ماڻهن بجلي جي اضافي بلن اوور ريڊنگ ڊيڊڪشن سميت ٻين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. کلي ڪچهري ۾ آيل حيسڪو عملدارن عوامي شڪايتون ٻڌڻ بعد ڪافي مسئلا فوري طور تي حل ڪيا جڏهن تہ پيچيده مسئلن کي نوٽ ڪري ڪين جلد حل ڪرائڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي. ان موقعي تي ميمبر بورڊ آف ڊائريڪٽرز سيد شاهہ زمان شاهہ چيو تہ وزير اعظم پاڪستان ميان شهباز شريف جي خصوصي هدايتن تي بجليءَ جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي آهي. پاڪستان مسلم ليگ ن جي قيادت جي اها ترجيح رهي آهي تہ عوام جا مسئلا سنڌن درن تي حل ڪيا وڃن.

بقايا 10

منصوبي کي پاڻي فراهم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، ارسا سيڪريٽري پنجاب حڪومت کي پاڻي دستيابي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڇڏيو. ذريعن موجب، ارسا جي منظوري ڪانپوءِ پنجاب حڪومت ستلج سليمانڪي هيڊ ورڪس مان چولستان ڪئنال ڪڍندي، ارسا اختيارين جو چوڻ آهي تہ چولستان منصوبي لاءِ 4 لک 50 هزار ايڪڙ فٽ پاڻي دستياب هوندو ٻئي پاسي ارسا جي سنڌ مان ميمبر احسان لغاري چولستان ڪئنال منصوبي لاءِ پاڻي فراهمي جي فيصلي تي اختلافي نوٽ لکيو آهي. احسان لغاري پنهنجي نوٽ ۾ لکيو تہ هو سيڪريٽري ارسا طرفان چولستان منصوبي کي پاڻي ڏيڻ جي منظوري سان متفق ناهي. سنڌس چوڻ هو تہ سيڪريٽري ارسا طرفان پنجاب حڪومت کي پاڻي دستيابي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ سنڌ سان ناانصافي آهي. احسان لغاري جو چوڻ هو تہ چولستان منصوبي کي پاڻي ڏيڻ سان سنڌ درياهہ جو پاڻي گهٽجي ويندو . جڏهن تہ سيڪريٽري ارسا جنهن پاڻي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو رڳو ستلج درياهہ جو نہ آهي هن ٻڌايو تہ سليمانڪي هيڊ ورڪس مان لنڪ ڪئنال ذريعي پاڻي ورتو ويندو جيڪو سنڌو درياهہ جي وهڪرن تي اثرانداز ٿيندو ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ چولستان ۾ "گرين پاڪستان" منصوبي جي شروعات ڪئي وئي، تقريب ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير شرڪت ڪئي. ٻئي پاسي نوان ڪئنال ناهڻ وارن منصوبن خلاف سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ سميت سموري ڪابينا مخالفت ڪئي آهي تہ ٻي طرف سنڌ جون سموريون سياسي، قومپرست، ساجاهہ وند، سول سوسائٽي ، مذهبي توڙي عام عوام بہ اهڙن منصوبن کي مڪمل رد ڪري چڪي آهي ۽ انهي سلسلي ۾ وڏي پيماني تي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرون جو نہ ڪٽندڙ سلسلو جاري آهي.

بقايا 11

ڏنيون وينديون. اسڪالرشپون شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نالي سان واڳيون وينديون ۽ او پي پي جي ساليائي گريجوئيٽ اسڪالرشپ پروگرام جو حصو هونديون. گذريل سال او پي پي سنڌ جي ٻن ۽ بلوچستان جي هڪ شاگرد کي اسڪالرشپ ڏني هئي. آڪسفورڊ يونيورسٽي طرفان اهو اعلان پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي موجودگي ۾ ڪيو ويو. تقريب جي ميزباني پروفيسر اسٽيفن بليٽ، پرنسپل ليڊي مارگريٽ هال ڪئي. ان موقعي تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ڀيڻ محترمہ صنم ڀٽو ليڪ ۽ تاريخدان وڪٽوريا اسڪوفيلڊ، سنڌ ۽ بلوچستان جا سينيئر عملدار ۽ او پي پي جون اهم شخصيتون پڻ موجود هيون. فنڊ تحت هر سال سنڌ جي 6 بهترين شاگردن کي آڪسفورڊ ليڊي مارگريٽ هال ۾ گريجوئيٽ ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ مالي امداد ڏني ويندي. 3 اسڪالرشپون شهيد بينظير ڀٽو اسڪالرشپ تحت عورتن لاءِ رکيون ويون. 3 اسڪالرشپون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسڪالرشپ تحت ڏنيون وينديون. پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري موجب او پي پي گهٽ وسيلا رکندڙن لاءِ در کولي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي باصلاحيت شاگردن لاءِ موقعا پيدا ڪري رهيو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪومتن او پي پي سان پنهنجي صوبن جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪيا آهن. وڏي وزير مراد علي شاهہ چيو تہ هي اسڪالرشپون سنڌ جي شاگردن کي دنيا جي بهترين تعليمي اداري ۾ پڙهڻ جا موقعا ڏيندين. شاگرد واپس اچي پنهنجي علم ۽ مهارت سان پنهنجي معاشري کي ترقي ڏيڻ ۾ مدد ڏيندا.

بقايا 12

ٽنڊو ماتلي پهچي ويو جنهن جي اڳواڻي حليم عادل شيخ ڪري رهيو هو مختلف هنڌن تي خطاب ڪندي حليم عادل شيخ جو چوڻ هو تہ پاڪستان جو عوام هن وقت مهانگائي غربت ۽ ناانصافين جو شڪار آهي عوام کي انهن ڏکن ۽ تڪليفن مان صرف عمران خان ۽ تحريڪ انصاف ڪڍي سگهي ٿي ڊي پي او چوڪ کان بدين پريس تائين ڪيڊيل ريلي کي پريس ڪلب، شاهنواز چوڪ وٽ خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو تہ ملڪ تي فارم 47 تحت هڪ ڪوڙي حڪومت قائم ڪئي وئي آهي جنهن گذريل ٽن ڇئن سالن ۾ عوام کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي عوام جي حقيقي اڳواڻ کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي هن چيو تہ ملڪ جي عوام غربت مهانگائي جي خلاف عمران خان ۽ تحريڪ انصاف جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ٺٽو پهچڻ تي حليم عادل شيخ چيو تہ سنڌو دريا مان 6 ڪئنال ڪڍي دريا تي ڌاڙو هڻي سنڌ جو پاڻي چورائڻ واري حڪومتي سازش خلاف عوامي جاڳرتا مهم جو آغاز ٿئي کان چڪا آهيون مارچ قافلو بدين سجاول ٺٽو محمد خان ۽ ٽنڊوالهيار پهچندو ٻئي مرحلي ۾ ٻين ضلعن جو دورو ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ سان گڏوگڏ تنظيمي نيٽورڪ کي بحال ڪيو. حليم عادل شيخ ٺٽي لڳ دول درياخان پل وٽ سنڌو دريا جي پل تي سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو نامنظور جي عنوان هيٺ احتجاجي مارچ جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهيندي چيو تہ سنڌو دريا تي ڌاڙو نامنظور جي سلوگن هيٺ عوامي رابطہ مهم جي سلسلي ۾ سنڌ جي لاڙ وارن ضلعن جو دورو ڪري رهيا آهيون ٻئي مرحلي ۾ وڏو سنڌ گير مارچ پي ٽي آئي طرفان ڪيو پيپلزپارٽي ۽ صدر آصف زرداري سنڌي ماڻهن جي قتل عام واري منصوبي تي صحيح ڪري سنڌو دريا جي پاڻي تي ڌاڙي جي اجازت ڏني آهي جنهن جو مقصد سنڌ جي عوام کي ڦاسي تي لٽڪائڻ جي برابر آهي سنڌ جي عوام سنڌو دريا ۽ سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندي پيپلزپارٽي پوڪلائٽ جو شڪار ٿي وئي آهي اين پي پي جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي جي گرفتاري ۽ پير پاڳاري جي پٽ تي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ اهڙي پوڪلائٽ جو نتيجو آهي

بقايا 13

رمضان المبارڪ دوران ڪيسن جي ٻڌڻي صبح 8:30 وڳي شروع ٿيندي ۽ اڌ ڪلاڪ بريڪ بعد 1 وڳي تائين هلندي ۽ اڌ ڪلاڪ چيمبر جو ڪم بہ ٿيندو. ڪيسن جي ٻڌڻي جمعي تي صبح 8:30 وڳي کان منجهند 12:30 وڳي تائين ٿيندي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي پرنسپل بينچ، سکر لاڙڪاڻي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص بينچن ۾ ڇنڇر جو ڏينهن فيصلن جو ڏينهن هوندو. رجسٽرار سنڌ هاءِ ڪورٽ سهيل لغاري پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، هاءِ ڪورٽن ۽ صوبي جون ماتحت عدالتون هن شيڊول مطابق ڪم ڪنديون.

بقايا 14

کان پوءِ بہ مقتول دانش جي خاندان جي ايف آءِ آر درج نہ ڪئي. عدالت پوليس کي هڪ ٻيو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ 25 فيبروري تي جواب طلب ڪيو ويو آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ نوجوان دانش جي وفات کي هڪ مهينو ٿي ويو آهي. پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بدران بهانا ڪري رهي آهي. درخواستگذار عدالت ۾ خانگي ٽي وي تي نشر ٿيل رپورٽ پڻ پيش ڪئي وئي. سرڪاري وڪيل چيو تہ عدالتي نوٽس نہ ملڻ ڪري ڪا بہ ڪارروائي نہ ڪئي وئي. درخواستگذار جو موقف آهي تہ دانش حب ڪار ريلي دوران طارق خان جي ڪار سان ٽڪرائجي سخت زخمي ٿي پيو انتظاميا ڊرائيور کي، جيڪو ٿورو زخمي هو ويجهي اسپتال وٺي وئي. سخت زخمي دانش کي هڪ ڪلاڪ کان پوءِ سول اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو بروقت طبي امداد نہ ملڻ سبب، دانش پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.

بقايا 15

هال نواب شاهہ ۾ شهيد بينظيرآباد جي مستحق ماڻهن ۾ سولر سسٽم ڪٽ تقسيم ڪيون ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو تہ شهيد محترمہ بينظيرڀٽو جي مشن مطابق غريب عوام کي گهر گهر روشني پهچائي رهيا آهيون جڏهن تہ غريب عورتن کي بينظيرانڪم سپورٽ پروگرام تحت مالي امداد پڻ ڏني پئي وڃي

بقايا 16

سنگت ضلع نوشهرو فيروز ۽ شاخ نوشهرو فيروز پاران مهراڻ پارڪ کان ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ س اس جي ضلع رابطہ سيڪريٽري ايم ظفر تگي سيڪريٽري شاخ نوشهرو فيروز امجد ميمڻ، يونس راڄپر علي نواز سولنگي، ضمير حسين وسطڙو عتيق الرحمان وسطڙو شاهد خانزادو، خالد چانڊيو ماجد تگي شڪيل وسطڙو مرتضيٰ سومرو سميت ٻين شرڪت ڪئي. اڳواڻن چيو تہ ٻولين جي عالمي ڏينهن تي اسان جو مطالبو آهي تہ هزارين سال پراڻي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي تہ جيئن جديد دور ۾ سنڌي ٻولي وڌيڪ ترقي ماڻي سگهي. هنن چيو هندستان ۾ سنڌي ٻولي سميت ڪافي قومي ٻوليون قومي ٻولي جو درجو حاصل ڪري چڪيون آهن پر هتي قديمي ٻولين کي قومي جو درجو نٿو ڏنو وڃي جيڪا قومن سان ويساهہ گهاتي آهي اها بند ڪري قومن کي پنهنجو حق ڏنو وڃي ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي.

بقايا 17

جي گرفتاري خلاف انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو،ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين مسافر گاڏيون بيهجي ويون.ڊي ايس پي سيوهڻ پهچي روڊ کولرايو، خبرموجب سيوهڻ پرسان ڳوٺ ڳاڙهي واري وٽ زمين جي مالڪي تان باٿرهٿياربندن جي هوٽل تي ويٺل ملاح برادري جي ماڻهن مٿان فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا رحيم بخش ملاح ، ڪمال ملاح ، ذوالفقار ملاح سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي فوري طور سيد عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس آندو ويو جتي سنڌن کي طبي امداد مهيا ڪئي وئي آهي جڏهن تہ منثار ملاح اڳواڻي ۾ سوين ملاح برادري جي ماڻهن ڳوٺ ڳاڙهي واري وٽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ انڊس هاءِ وي تي ٽائرساڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين مسافر گاڏيون بيهجي ويون مسافر سخت پريشان بڻجي ويا جڏهن تہ ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو مظاهرين وٽ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪين خاطري ڪرائي جنهن ڪانپوءِ ملاح برادري جي ماڻهن ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪري ڇڏي

بقايا 18

ڇڏي. خانہ فرهنگ اسلامي جمهوريہ ايران ڪراچي جي ڊائريڪٽر سعيد طابي نيان شاهد يونيورسٽ اف ايران جي بين الاقوامي امور جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ايمان زماني ۽ وائيس چانسلر شاهد يونيورسٽي جي خصوصي صلاحڪار ڊاڪٽر محمد حسين نوح خوان جي همراهہ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ڪراچي جو دورو ڪيو. جتي وائيس چانسلر ۽ پرو وائيس چانسلر سان ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات جي شروعات ۾ ڊاڪٽر طالبي نياڪانپوءِ ايراني يونيورسٽي جي وفد ڊائو يونيورسٽي جو دورو ڪيو. ملاقات جي پڄاڻي تي ٻنهي يونيورسٽين گڏيل تعاون ۽ استادن توڙي شاگردن جي وفد جي مٽاسٽا جي حوالي سان ٺاهہ تي صحيحون ڪيون.

بقايا 19

جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جو ڪيس ڪاڪيپوٽو برادري جي 6 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو سلطان ڪوٽ ٿاڻي تي زخمي انعام لوڌرو جي فرياد تي صدام ڪاڪيپوٽو ۽ سندس برادري جي 6 ڄڻن خلاف حملي ۽ فائرنگ جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن کان پوءِ پوليس جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيا پر ڪو بہ جوابدار گرفتار نہ ٿي سگهيو هو لوڌرا برادري جي علي خان لوڌرو ڌانهيندي چيو تہ جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻئي طرف رابطو ڪرڻ تي مبينا جهيڙي ۾ جاٽايل مک جوابدار صدام ڪاڪيپوٽو ٻڌايو تہ سلطانڪوٽ پوليس وانگارو بڻيل آهي جنهن مون سميت برادري جي ڇهن ڄڻن مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي هن وڌيڪ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مامري جي صاف شفاف جاچ ڪري انصاف جي گهر ڪئي آهي

بقايا 20

سنڌس آخري رسمون جهوڪ شريف ۾ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي درگاهہ جي احاطي ۾ ادا ڪرڻ بعد سنڌس وصيت موجب کيس صوفي شاهہ عنايت شهيد جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سنڌس آخري رسمن ۽ جنازي ۾ ٺٽي جي اڳوڻي ضلعي ناظر سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي، ايم پي اي شاهہ حسين شاهہ شيرازي، ڪاوش، ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر آڪاش زئون، شهري اتحاد جي سرپرست اعلي فقير محمد علي خواجہ، ڏاڏا اسماعيل شورو، جنرل سيڪريٽري حاجي موسي ڪٽي، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئون، ٽائون ڪميٽي ميرپوربٺورو جي چئرمين غلام علي خواجہ، واپاري ايسوسيئشن جي صدر عبدالغفور ميمڻ، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام رسول زئون، ڪاشف خواجہ، قاسم رنگريز، جمن سوهو، پون سنڌي، غلام مصطفي سوهو، ڪرم الله ميمڻ، ڊاڪٽر محبوب خواجہ، صديق سوهو، لطيف شورو، ڪرشن مل، ڊاڪٽر سريش ڪمار، خالد ميمڻ سميت مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا 21

ناهڻ لاءِ قسطون نہ ملڻ خلاف ٽرڊيپ آفيس آڏو انڊس هاءِ وي تي ٻوڏ متاثرين جو ڌرڻو ، سماجي تنظيم جو انچارج، انجنيئر جي پتلي کي جوتا پارائي باهہ خبر موجب ميهڙ تعلقي جي مها ٻوڏ جي متاثرين کي گهرن ناهڻ لاءِ پئسن جون قسطون نہ ملڻ ، ٻوڏ متاثرين جي گهرن جي آيل پئسن ۾ سماجي تنظيم جي انچارج ۽ ، انجنيئر جي ايجنٽ مافيا معرفت مبينا پتا خوري خلاف سماجي تنظيم جي آفيس آڏو مختلف يوسيز جي ٻوڏ متاثرين ، ايس يو پي پاران ايس يو پي جي ضلع صدر سڪندر سوڍر، حاجي خان مارفاڻي، عبدالمجيد سوڍر، حبيب حضوري جي اڳواڻي ۾ ٻوڏ متاثرين سماجي تنظيم جو انچارج ، انجنيئر جي پتلن کي جوتا پارائي پتلا ڪٽي احتجاجي مظاهرو ڪري انڊس هاءِ وي تي سماجي تنظيم جي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪيو. سماجي تنظيم جو انچارج، انجنيئر جي پتلي کي باهہ ڏني.

بقايا 22

ڪجهہ عرصي کان بيمار هجڻ ڪري ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ داخل هو جنهن بعد طبيعت ۾ سڌارو اچڻ بعد رئيس شير محمد انڙ کي پنهنجي ڪراچي واري گهر منتقل ڪيو ويو جتي ٻئي ڏينهن اچانڪ طبيعت خراب ٿيڻ بعد فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زندگي ۽ موت جنگ ۾ رئيس شير محمد انڙ زندگي جي جنگ هارجي ويو جنهن بعد رئيس شير محمد انڙ جي وفات جي خبر باهہ وانگر پکڙجي وئي جنهن بعد سوڳ ۾ قاضي احمد شهر جي موبائل دڪاندار يونين جي سڏ تي قاضي احمد شهر جي اهم ڪاروباري مرڪز موبائل مارڪيٽ جو سمورو مک ڪاروبار مڪمل طور تي بند ڪيو ويو آهي

بقايا 23

جي پريس ترجمان حافظ رفيق احمد شر پريس پڌرائي ڪندي چيو آهي تہ پوليس جي نااهلي يا لاپرواهي سبب ٽي ڏينهن اڳ جي يوآءِ ضلع شڪارپور جي امير مولانا عبدا مهر مٿان ڏوهاري طرفان ڪيل فائرنگ جي جوابدارن جي اڃان تائين ڪا بہ خبر نہ پئي سگهي. ڪارڪنن ۾ بيچيني ۽ تاءُ پکڙيل آهي. ٻئي طرف ان واقعي کان پوءِ درگاهہ سومراڻي شريف تي عوامي رش بہ برقرار.ٻن ڏينهن کان جي يوآءِ ضلع شڪارپور جي عهديدارن، ڪارڪنن، توڙي علائقي جي بااثر شخصيتن جي يوآءِ جي مرڪزي ميمبرامير علي خان جتوئي، ايم پي اي محمد عارف خان مهر، مولانا عبدالباري شيخ، مولانا ثناء پتو امير علي خان جتوئي، مفتي غلام قادر بروهي، مولانا محمد طيب ميڪو، حافظ رفيق احمد شر،مولانا عبدالوحد ڪيهر، مفتي عبدالرزاق بروهي، استاد رفيق احمد دلوسميت وڏي انگ ۾ عوام ضلعي امير مولانا عبد مهر سان ملاقات ڪري واقعي بابت حال احوال ڪيو.

بقايا 24

ايڊووڪيٽ عامر عمراڻي کي مبينا کڻي گم ڪرڻ خلاف شهر جي مختلف سياسي سماجي تنظيم پاران احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقا پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي جام سجاد انڙ، زيب جتوئي، شاهد سنڌي، نجف بالادي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو تہ قومي ڪارڪن ايڊووڪيٽ عامر عمراڻي کي رياست پاران بناجواز کڻي گم ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا.هنن چيو تہ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ تي قومي ڪارڪنن نوجوانن کي کڻي گم ڪري سنڌن ڇچريل لاش ڏنا وڃن ٿا.هنن مطالبو ڪيو تہ ايڊووڪيٽ عامر عمراڻي سميت کڻي گم ڪيل سمورن قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 25

شهر ۾ پاڻي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني کان اڳ پاڻي جي لائينن ۾ موجود سمورين ليڪيجز کي مڪمل طور تي ختم ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ رمضان المبارڪ بابرڪت مهينو آهي ۽ هن برڪت واري مهيني ۾ مسلمان الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ عبادت ڪندا آهن ۽ هن مقدس مهيني ۾ شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ڪنهن بہ عبادت کان گهٽ ناهي جڏهن تہ رمضان المبارڪ جي مهيني جي انتظامن جي سلسلي ۾ ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا ڪوتاهي هرگز برداشت نہ ڪئي ويندي اهڙيون ڳالهيون ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون ڏيندي ڪيون ان سلسلي ۾ اختيارين عملدرآمد ڪندي پاڻي جي لائينن ۾ موجود سمورين ليڪيجز کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب منو ڳوٺ گلشن اقبال ۽ پيلي ڪوٺي لياقت آباد ۾ متاثر ٿيل پاڻي جي لائينن تي ڪم ڪيو ويندو ايف ٽي ايم جي 48 انچ قطر واري لائين ۽ سي ٽي ايم جي 54 انچ قطر واري لائين جي مرمت جو ڪم اڄ 22 فيبروري ڇنڇر جي ڏينهن کان شروع ڪيو ويندو جيڪو ايندڙ 72 ڪلاڪن اندر مڪمل ڪيو ويندو مرمتي ڪم 24 ڪلاڪ جاري رهندو

بقايا 26

جا فائر هڻي موقعي تي ئي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار فرار ٿي ويو قتل جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي اطلاع تي اوباوڙو پوليس واقعي جي هنڌ تي پهچي مقتول جو لاش کڻائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو واقعي جي جاچ پئي وڃي اوباوڙو پوليس

بقايا 27

پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪنديون. سنڌ حڪومت جي راندين واري کاتي ڳوٺائي عورتن رانديگرن کي فروغ ڏيڻ لاءِ گهوٽڪي ضلعي ۾ 3 ڏينهن جي راندين جي ميلي جو اعلان ڪيو آهي. راندين واري وزير جي ترجمان چيو تہ راندين وارو وزير سردار محمد بخش مهر 22 فيبروري تي 12:00 وڳي گهوٽڪي ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس سردار علي محمد خان مهر ۾ اسپورٽس فيسٽيول جو افتتاح ڪندو. اسپورٽس فيسٽيول جي پهرين ڏينهن گهوٽڪي ۾ ٽگ آف وار، ويل چيئر ڪرڪيٽ، ويٽ لفٽنگ ۽ فتسال باڪسنگ ميچ منعقد ڪيا ويندا. گهوٽڪي ۾ ملا ڪڙو فٽبال، باڪسنگ، ڪوڏي ڪوڏي، خانڳڙهہ ۾ ڪرڪيٽ ۽ ٿرو بال راندين گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ منعقد ڪيون وينديون. ترجمان چيو تہ چوڪرين جي والي بال ۽ ٽائيڪوانڊو جو فائنل گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي ۾ منعقد ڪيو ويو آهي ۽ شام جو اسپورٽس ڪمپليڪس ۾ هڪ موسيقي جو پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي. ٻئي ڏينهن 23 فيبروري تي گهوٽڪي ۾ چوڪرين جي فتسال، والي بال، هاڪي، ڪوڏي ڪوڏي، چوڪرن جي والي بال، فتسال ۽ ڪرڪيٽ جا ميچ منعقد ڪيا ويندا.

بقايا 28

نہ ڪيو ويندو. بدعنوان عنصر پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن تہ سيڪريٽري/سي اي او ورڪرز ويلفيئر بورڊ مزدورن جي حقن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي ۽ فلاحي اسڪيمن کي ختم ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا. ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ جي ترجمان پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا تي هلندڙ تازين خبرن کي مڪمل طور تي گمراهہ ڪندڙ بي بنياد ۽ من گهڙت قرار ڏيندي چيو آهي تہ ڪا بہ فلاحي اسڪيم بند نہ ڪئي پئي وڃي، بلڪہ سنڌ حڪومت ۽ ورڪرز ويلفيئر بورڊ مزدورن جي بهتري لاءِ وڌيڪ قدم کڻي رهيا آهن. ترجمان چيو تہ اضافي تصديق جو عمل ڪنهن بہ قسم جي بدعنواني، جعلي دعوائن ۽ بي ضابطگين کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ جيئن فلاحي گرانٽس صرف مستحق مزدورن کي ڏنيون وڃن ۽ جعلسازن کي روڪيو وڃي. هي عمل ضلعي انتظاميا جي نگراني ۾ مڪمل شفافيت سان ڪيو پيو وڃي.

بقايا 29

فيروز آباد واسي 45 سالن جو پورهيت ذوالفقار جاگيراڻي ۽ سندس گهر واري صائمہ خاتون جاگيراڻي سخت زخمي ٿي پيا جن کي ٻهرام ٿاڻي جي پوليس گهٽي جوڳي حالت ۾ کڻائي لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر منتقل ڪري ڇڏيو جتي ڊاڪٽرن پورهيت ذوالفقار جاگيراڻي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن تہ فوتي جي زخمي گهر واري کي طبي امداد ڏني وئي جنهن جي حالت بهتر ٻڌائي پئي وڃي. ان موقعي تي فوتي پورهيت جي وارثن ٻڌايو تہ ذوالفقار جاگيراڻي پنهنجي گهر واري سان گڏجي رتوڪوٽ ۾ مائٽن جي شادي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل تي واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو تہ ٻهرام ٻن پرسان ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ اهڙو حادثو پيش آيو آهي.

بقايا 30

مروت کي پارٽي مان ڪڍڻ واري سوال کي غير اهم قرار ڏيندي جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي شبلي فراز چيو تہ اڊيالا جيل جي ٻاهران ڪيمپ لڳائڻ جو فيصلو پارٽي ڪندي، جڏهن تہ ڳالهيون نتيجا ڏيندڙ هجڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو تہ سڄو پاڪستان احتجاج ڪري رهيو آهي، مهانگائي وڌي رهي آهي ۽ ماڻهو افراتفري جو شڪار آهن. هن جو چوڻ هو تہ ملڪ ۾ دهشتگردي وڌي رهي آهي، سينيٽ ۾ بہ مسئلن خلاف آواز اٿاري رهيا آهيون ۽ اڳتي بہ اٿارينداسين. شير افضل مروت کي پارٽي مان ڪڍڻ بابت صحافي جي سوال تي شبلي فراز چيو تہ ڪو اهم سوال ڪريو.

بقايا 31

ميمڻ جي هدايتن تي ٽرانسپورٽ کاتي ان فٽ ڪمرشل گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪندي 53 گاڏين کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ 15 ڊرائيورن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ٽرانسپورٽ کاتي پاران ڪريڪ ڊائون دوران مجموعي طور تي 1115 گاڏين جي جاچ ڪئي وئي، 565 گاڏين کي ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي چالان ڪيو ويو. روڊ تي هلڻ جي قابل نہ هجڻ ڪري 7 ڪمرشل گاڏين جا فٽنس سرٽيفڪيٽ رد ڪيا ويا. لاپرواهي سان ڊرائيونگ ڪرڻ ۽ ڪوتاهي ڪندڙ ڊرائيونگ ڪندڙن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي شق 279 تحت 17 ايف آءِ آرون ڪاٽيون ويون. هيوي ٽريفڪ تي لاڳو وقت جي پابندي جي ڀڃڪڙي تي شق 188 تحت 6 ڪيس داخل ڪيا ويا. جڏهن تہ موٽر وهيڪل آرڊيننس جي شق 99 ۽ شق 113 تحت 15 ڊرائيورن کي لاپرواهي سان ڊرائيونگ ڪرڻ تي گرفتار ڪيو ويو آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون وسيع تر عوامي مفاد جو حصو آهي. ڪريڪ ڊائون جو مقصد روڊن تي نظم و ضبط قائم رکڻ ۽ لاپرواهي جي ڪري ٿيندڙ حادثن کي روڪڻ آهي. هن چيو تہ شهرين جي حياتين جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ کاتو غير معياري گاڏين ۽ لاپرواهہ ڊرائيورن خلاف سخت ڪارروائي جاري رکندو. ڪارروايون باقاعدگي سان ڪيون وينديون. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڀڃڪڙي ڪندڙن کي خبردار ڪندي چيو تہ آهي قانون جي پاسداري ڪن ٻي صورت ۾ کين سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا.

بقايا 32

سيد چيو آهي تہ سنڌ حڪومت شاگردن کي آڪسفورڊ يونيورسٽي جي اسڪالرشپ ڏئي رهي آهي. هن چيو تہ مستحق ۽ ذهين شاگرد آڪسفورڊ مان ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪري سگهندا. سندس چوڻ هو تہ هرسال 6 شاگردن کي سائنس، انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ ميٿ جي شعبن ۾ اسڪالرشپ ڏني ويندي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو آهي تہ هر سال ٽي شاگردن کي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو اسڪالرشپ ڏني ويندي

بقايا 33

مرڪزي نائب صدربرائيل سنڌ ارسا پاران چولستان منصوبي لاءِ پاڻي جي فراهمي جي مذمت ڪندي چيو تہ سنڌوءَ جي احتجاج هوندي چولستان منصوبي لاءِ پاڻي جي فراهمي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ وفاق دشمن منصوبو آهي هن چولستان ڪئنال سميت سنڌوءَ تي 6ڪئنال اڏڻ سنڌوءَ ۽ بلوچستان کي سڪائڻ جو منصوبو هن چيو اهڙي فيصلي جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندو تہ اهي 1940 جي ٺهراءِ تحت نئون شوشل ڪانٽيڪٽ تحت ناهہ ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندي هنن مطالبو ڪيو تہ ارسا بنا دير اهو فيصلو واپس وٺي هنن سنڌاسمبلي مان ارسال جي ان فيصلي خلاف ٺهراءِ پاس ڪري.

بقايا 34

سطح تي قابل تقليد ماڊل قرار ڏئي ڇڏيو. منصوبي تحت 9 لک گهرن جي تعمير جاري آهي. اجلاس جمعي تي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو. جنهن ۾ صوبائي وزير جام خان شورو، حاجي علي حسن زرداري، ۽ لاڳاپيل صوبائي سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. ورلڊ بئنڪ جي 25 رڪني وفد جي اڳواڻي مختلف ملڪن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرن ڪئي، جن ۾ بيٽريس ميزر (سوئٽزرلينڊ)، رابرٽ نڪول (آسٽريليا)، ٽيٿا سولبز (اسپين)، زينب احمد (نائيجيريا)، عبد الحق بدجاوي (الجزائر)، لونخوليوکو مگاگولا (اسواتيني)، مرلين نزينگو (وچ آفريڪي جمهوريہ)، توقير شاهہ (پاڪستان)، ۽ پال بونمارٽن (فرانس) شامل هئا. سينئر وزير شرجيل ميمڻ، منصوبا بندي ۽ ترقي جي وزير ناصر شاهہ ۽ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ وفد جي آجيان ڪئي ۽ ٻوڏ متاثرين لاءِ هائوسنگ منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهہ کي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هنگامي امداد ۽ ڊگهي مُدي واري بحالي جي قدمن جي قيادت جو ڪريڊٽ ڏنو. هن ٻڌايو تہ سنڌ ۾ هن وقت 9 لک کان وڌيڪ گهر تعمير هيٺ آهن جيڪو هن منصوبي کي دنيا جو سڀ کان وڏو هائوسنگ منصوبو بڻائي ٿو سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز جي سي اي او خالد محمود شيخ منصوبي جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو تہ هي منصوبو ٻوڏ متاثرين لاءِ مستقل رهائشي حل مهيا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ واش منصوبي لاءِ ورلڊ بئنڪ جي مالي مدد جي اهميت تي زور ڏنو جيڪو آءِ ڊي اي گرانٽ جي ذريعي مڪمل ڪيو پيو وڃي. هن ورلڊ بئنڪ جي مسلسل مدد تي ٿورا مڃيندي ان کي جي ڪاميابي جو هڪ اهم عنصر قرار ڏنو.

بقايا 35

ٽي آءِ وفد جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کين نيشنل جوڊيشل پاليسي ميڪنگ ڪميٽي جي اجلاس بابت آگاهہ ڪيو سپريم ڪورٽ طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، عدالتي سڌارن بابت مختلف اسٽيڪ هولڊرز سان صلاح مشوري جي حڪمت عملي تحت چيف جسٽس پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻن کي بہ دعوت ڏني هئي. پي ٽي آءِ وفد چيف جسٽس سان سندس رهائشگاهہ تي ملاقات ڪئي. پي ٽي آءِ جي وفد ۾ عمر ايوب، شبلي فراز، بئرسٽر گوهر علي خان، بئرسٽر علي ظفر، بئرسٽر سلمان اڪرم راجا، لطيف کوسا، ۽ ڊاڪٽر بابر اعوان شامل هئا. ملاقات دوران چيف جسٽس وفد کي ٻڌايو تہ هو وزيراعظم سان بہ ملاقات ڪري چڪو آهي. جتي عدالتي سڌارن بابت حڪومت جي راءِ طلب ڪئي وئي. وزيراعظم ان عمل جي مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائي. چيف جسٽس ٻڌايو تہ قانون ۽ انصاف ڪميشن کي ملڪ جي بار ڪائونسلن، عوام ۽ ڊسٽرڪٽ ڪورٽس کان فيڊ بيڪ ملي چڪو آهي. جڏهن تہ هاءِ ڪورٽس جي رجسٽرارن ۽ صوبائي جڊيشل اڪيڊميز جي راءِ بہ جلد ملڻ جو امڪان آهي. وزيراعظم ٽيڪس ڪيسن جي عدالتن ۾ التوا تي ڳڻتي ظاهر ڪئي. جنهن تي چيف جسٽس يقين ڏياريو تہ ٽيڪس ڪيسن جي تڪڙي نبيرڻ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيسن جي مجموعي تعداد ۾ گهٽتائي سندن پهرين ترجيح آهي. چيف جسٽس يحيي آفريدي تجويز ڏني تہ عدالتي سڌارن کي هڪ گڏيل قومي ايجنڊا بڻائڻ گهرجي. جنهن لاءِ ٻنهي پاسن کان حمايت لازمي آهي. ملاقات دوران قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ عمرايوب خان پي ٽي آءِ قيادت ۽ ڪارڪنن جي مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪايو هن شڪايت ڪئي تہ اپوزيشن اڳواڻن جي ڪيسن کي هڪ ئي وقت مختلف عدالتن ۾ مقرر ڪيو پيو وڃي. جنهن سبب پيش ٿيڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي. عمرايوب اهو بہ چيو تہ پي ٽي آءِ جي وڪيلن کي هراسان ڪيو پيو وڃي. جيل اختيارين عدالتن جي حڪمن تي عمل نہ پيا ڪن ۽ پارٽي جي وڪيلن تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جنهن سان سندن بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي. پي ٽي آءِ جي وفد ملڪ ۾ امن و امان جي خراب صورتحال تي بہ ڳڻتي ظاهر ڪئي ۽ تسليم ڪيو تہ عدليہ ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. وفد جو موقف هو تہ عوام کي حقيقي ريليف تڏهن ملندو جڏهن ضلعي عدليہ التوا هيٺ ڪيسن کي اثرائتي طريقي سان نبيرڻ جو عمل تيز ڪندي. سينيٽر بئرسٽر علي ظفر تجويز ڏني تہ پي ٽي آءِ کي قانون ۽ انصاف ڪميشن جي پاليسي سفارشن تي جواب ڏيڻ لاءِ وقت گهرجي. هن فوجداري انصاف ۽ ڪيسن جي حل لاءِ بہ ڪجهہ اهم تجويزون پيش ڪيون ۽ وڌيڪ سفارشون وقت سان گڏ مهيا ڪرڻ جو اشارو ڏنو پي ٽي آءِ وفد جي چيف جسٽس سان ملاقات ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهي، جنهن دوران رجسٽرار محمد سليم خان ۽ قانون ۽ انصاف ڪميشن جي سيڪريٽري تنزيلا صباحت چيف جسٽس جي مدد ڪئي.

بقايا 36

ڪونسل جي چيئرمين زيد بشير جي اڳواڻي ۾ وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي، وزير اعظم وفد جي آجيان ڪندي انهن کي مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. وزير اعظم ريٽيلرز جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت جاري ڪندي چيو تہ اهڙا ريٽيلرز جيڪي ٽيڪس نيٽ ۾ موجود آهن انهن تي ٽيڪس جو وڌيڪ بار نہ وڌو ويندو جڏهن تہ جيڪي ٽيڪس نہ ڏيندا آهن انهن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جي لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم کڻي رهيا آهيون. هن چيو تہ استعمال ٿيل شين جي نالي تي ٿيندڙ اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ بہ قدم تيز ڪيا پيا وڃن. مقامي صنعت کي نئين ٽيڪنالاجي اختيار ڪري پنهنجي شين جي برآمد وڌائڻ گهرجي، جيئن اهي عالمي مارڪيٽ سان مقابلو ڪري سگهن. شهباز شريف جو چوڻ هو تہ ايف بي آر جي سڌارن سان گڏو گڏ حڪومت معيشت کي ڪيش ليس بڻائڻ جي لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ملڪ جي معيشت جي استحڪام لاءِ وزيراعظم ۽ سندس ٽيم کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ چيو تہ مهانگائي ۽ وياج جي شرح ۾ نمايان گهٽتائي سبب شين جي وڪري ۽ پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. جيڪو سٺو سنئون آهي. اميد آهي تہ انهن قدمن سان مهانگائي ۾ وڌيڪ گهٽتائي ايندي. شرڪت ڪندڙن چيو تہ حڪومتي قدمن سبب صنعتن جو ڦيٿو ڦرڻ سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. حڪومتي سڌارا سٺي اڳڀرائي آهن ۽ انهن جو معيشت تي مثبت ۽ ڊگهي مُدي لاءِ سٺو اثر پوندو ريٽيلرز کي ٽيڪس نظام ۾ آڻڻ سان ملڪ جي آمدني ۾ اضافو ٿيندو. اجلاس ۾ پاڪستان ريٽيل بزنس ڪائونسل جي چيئرمين زيد بشير، سروس سيلز ڪارپوريشن جي سي اي او شاهہ حسين، بيچ ٽري جو سي اي او شهريار بخش کان علاوہ وفاقي وزير احسن اقبال، جام ڪمال خان، احد خان چيمہ، محمد اورنگزيب، راڻا تنوير حسين، مملڪتي وزير علي پرويز ملڪ ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 37

ملاقات ۾ بلوچستان جي سياسي صورتحال ۽ ترقياتي عمل تي ڳالهيون ڪيون ويون. وزيراعليٰ بلوچستان چيو تہ صدر آصف زرداري بلوچستان لاءِ ويزن گيم چينجر ثابت ٿيندو. بلوچستان جي عوام کي سنڌ جيان مثالي صحت جون سهولتون فراهم ڪنداسين. ان موقعي تي فريال ٽالپر چيو تہ صدر زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ قوم سڀني چئلينجن تي ضابطو آڻيندي. آصف زرداري جي اڳوڻي دور ۾ آغاز حق بلوچستان ۽ سي پيڪ جهڙا انقلابي قدم کنيا ويا. صدر زرداري تاجڪستان کان پاڻي آڻي بلوچستان پهچائڻ جي ميگا منصوبي تي سرگرم آهي. هن چيو تہ بلاول ڀٽو پنهنجي تازي پرڏيهي دوري دوران پاڪستان جو ڀرپور موقف پيش ڪيو ملاقات ۾ سينئر اڳواڻ مير منور علي ٽالپر پڻ موجود هو.

بقايا 38

فعال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ضلعي سطح تي ڪميٽيون ناهيون آهن. ان سلسلي ۾، سنڌ حڪومت رمضان جي مهيني دوران غير قانوني منافع خورن خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ۽ گودامن کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو. جنهن جي صدارت سنڌ جي وڏي وزير جي سپلائي اينڊ پرائسنگ ڊپارٽمينٽ بابت خاص مددگار محمد عثمان غني هنگورو ڪئي. اجلاس ۾ ڊي جي ڊاڪٽر شاڪرقيوم خانزاده، ڊپٽي ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽرز پرائس انسپيڪٽرز ۽ گودام انسپيڪٽرز شرڪت ڪئي. جڏهن تہ خاص مددگار کي سپلائي اينڊ پرائسنگ ڊپارٽمينٽ جي ڪارڪردگي ۽ رمضان جي حوالي سان حڪمت عملي بابت بريفنگ ڏني وئي. خاص مددگار عثمان غني هنگورو آفيسرن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو تہ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ غير قانوني منافع خورن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. رمضان جي مهيني دوران سنڌ صوبي جي شهرين جي شڪايتن ۽ مسئلن کي فوري طور تي حل ڪيو وڃي. عثمان غني هنگورو آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو تہ سنڌ ۾ ضلعي سطح تي قائم ڪيل صارف تحفظ ڪائونسلن کي ٻيهر فعال ڪيو وڃي، غير قانوني منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪا بہ رعايت نہ ڏني وڃي. پوري صوبي ۾ آفيسرن جون ڪميٽيون ناهيون ويون آهن. اهي ڪميٽيون مارڪيٽن جي نگراني ڪنديون ۽ غير قانوني منافع خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائي ڪنديون. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊائريڪٽر جنرل بيورو آف سپلاءِ ڊاڪٽر شاڪرقيوم خانزاده چيو تہ پوري سنڌ ۾ رجسٽريشن لاءِ ڪل 1425 گودامن جي ڊيٽا گڏ ڪيا ويا آهن

بقايا 39

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير برطانيہ جي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل رولينڊ والڪر جي دعوت تي وارمنسٽر ۽ لارڪ هل گيريزن جو دورو ڪيو. آءِ ايس پي آر موجب، آرمي چيف کي برٽش فوج ۽ ڊيپ ريس اسٽرائيڪ بريگيڊ کي جديد بڻائڻ بابت بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير دوري دوران برٽش آرمي جي مختلف سسٽمز ۽ اي آءِ ٽيڪنالاجي جو بہ مشاهدو ڪيو.

بقايا 40

هٽ وٺي تباهہ ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت ڪڻڪ جو في مڻ 4000 هزار روپيا سرڪاري اگهہ مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري. سنڌ حڪومت آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪري، سنڌ ۾ جيڪي بہ وڏا فصل لهن ٿا انهن جا اگهہ هڪرادو ڪيرايا وڃن ٿا. 2000 في مڻ ڪڻڪ خريد ڪرڻ سان سنڌ جي آبادگارن جو معاشي قتل ڪيو ويندو.سنڌ جي آبادگارن کي هر وڏو فصل لهڻ ڪانپوءِ نقصان ڏنو وڃي ٿو فصلن جا هڪرادو اگهہ ڪيرائي معاشي طور چيلهہ ڀڃي سنڌ جي هاري ۽ آبادگار کي ڪنگال ڪيو وڃي ٿو سنڌ جي آبادگارن جو استحصال بند ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو تہ حڪمرانن آئي ايم ايف جي هدايتن تي عوام دشمن معاشي پاليسيون جوڙيون ويون آهن. حڪومت جون معاشي پاليسيون صرف حڪمران طبقي کي فائدو ڏئي رهيون آهن. پورهيت طبقو تيزي سان تباهي طرف وڌي رهيو آهي. لکين خاندان غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. اياز لطيف پليجي سنڌو درياهہ تي ڪئنال منصوبن کي ملڪ ۽ سنڌ خلاف سازش قرار ڏيندي چيو تہ 6 نوان ڪئنال سنڌ لاءِ ڊيٿ وارنٽ آهن . سنڌو درياءَ تي ڪو بہ ڪئنال قبول نہ ڪيو ويندو. آصف زرداري ۽ پيپلزپارٽي سنڌ جي وسيلن ۽ پاڻي تي ڌاڙا هڻائڻ ۾ سهولتڪار آهن.

بقايا 41

مظاهرو ڪئنالن خلاف نعريبازي، خبر موجب، سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي زمينن تي والار خلاف جسقم متياري پاران ذوالفقار ڏيٿو . شهزاد سنڌي . مرتظا ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ محمدي چوڪ کان ريلي ڪڍي متياري پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي مظاهري ۾ وڏي انگ ۾ قومي ڪارڪن ۽ شهري شريڪ هئا مظاهرين جو چوڻ هو تہ سنڌو درياهہ اسان سنڌين جو جياپو آهي جيڪڏهن سنڌو تي ڌاڙو لڳو تہ سنڌ ٻنجر بڻجي ويندي اڳي ئي سنڌ جا وسيلا ڦرلٽ ٿيل آهن مٿان وري اسان جي جياپي تي ڌاڙو ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪنداسين مظاهرين جو چوڻ هو تہ وفاقي حڪومت پاران پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان سنڌ تي معاشي حملن جو سلسلو جاري آهي ڪڏهن ذوالفقار آباد جي رٿا تہ ڪڏهن ڪارونجهر جي نيلامي ڪڏهن بحريا ٽائون تہ ڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ڪڏهن سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ جي سازش تہ ڪڏهن وري ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ سنڌ جي زمينن تي قبضو آخر ڪيستائين اسان سنڌي اهڙن سنڌ دشمن منصوبن جو مقابلو ڪندا رهنداسين اڳواڻن جو چوڻ هو تہ سنڌ دشمن سمورن منصوبن ۾ پنجاب سان گڏ پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت بہ شامل آهي ان ڪري اسان جو احتجاج وفاق سان گڏ پيپلزپارٽي خلاف بہ آهي مظاهرين جو چوڻ هو تہ جيستائين سنڌ دشمن منصوبا رد نہ ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا 42

مهم جاري آهي. ترجمان ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ پاران جاري ڪيل تفصيلن مطابق 1 فيبروري کان وٺي هاڻ تائين هلندڙ روڊ چيڪنگ مهم دوران پوري صوبي ۾ 18,117 گاڏين چيڪ ڪيون ويون. ترجمان موجب، ايڪسائيز ٽيڪسيشن کاتي گذريل 20 ڏينهن دوران موٽر وهيڪل ٽيڪس ۽ ڏنڊن جي ڏس ۾ مجموعي طور 1.6 ڪروڙ روپيا وصول ڪيا. ترجمان مطابق موٽر وهيڪل رجسٽريشن فيس جي ڏس ۾ 98 لک 14 هزار 830 روپيا وصول ڪيا ويا. جڏهن تہ ٽيڪس ڊفالٽرز خلاف 8 لک روپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيا ويا.

بقايا 43

ٽيڪنالاجي جي موضوع تي ڪيل ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب مک آڊيٽوريم مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٿي گذري ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب جي صدارت مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو تہ ٻن ڏينهن دوران مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٻہ عالمي ڪانفرنسون ٿي رهيون آهن جن ۾ ٻين يونيورسٽين جو سهڪار آهي. هن چيو تہ مهراڻ يونيورسٽي ۾ تحقيق جو بهترين ماحول آهي. وائيس چانسلر چيو تہ ڪمپيوٽر سسٽم، سافٽ ويئر ۽ مصنوعي ذهانت هاڻي گڏيل آهن. هن چيو تہ ڪمپيوٽر ۽ سافٽ ويئرهاڻي هر شعبي ۾ آهن انهن جو هر شعبي سان تعلق آهي. ڊاڪٽر طه حسين علي چيو تہ دنيا هن وقت 6جي تي سوچي رهي آهي اسان اڃان 5جي تي بہ نہ پهتا آهيون. ڊاڪٽر طه حسين علي چيو تہ نوجوانن کي ڏسڻ ۽ سوچڻ گهرجي تہ دنيا ڪٿي بيٺي آهي ۽ اسان ڪٿي آهيون هن چيو تہ هي ڪانفرنسون نوجوانن لا نئون ڪجهہ سکڻ جو موقعو هونديون آهن. هن چيو تہ هي ڪانفرنس شرڪت ڪندڙن جي اميدن ۽ خواهشن موجب آهي. هن چيو تہ هي ڪانفرنس مستقبل لا ڪو رستو ۽ راهہ متعين ڪندي.

بقايا 44

دراني مهر ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ناڪابندي ڪري پنجاب جي رهاڪن ٻن ڄڻن کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو. تفصيل موجب ڪشمور پوليس جو دراني مهر ٿاڻي جي حد ۾ ناڪابندي ڪري چنيوٽ جي رهواسي ٻن ڄڻن کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو آصف علي ولد عاشق علي شمسي ۽ ناصرعلي ولد منظور احمد شمسي کي ڌاڙيلن ڪاروبار جي بهاني دراني مهر ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ گهرائي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پوليس کي خفيہ ۽ ٽيڪنيڪل اطلاع تي پوليس ڪارروائي ڪري ڪچي طرف ايندڙ ويندڙ رستن کي ناڪابندي ڪري پنجاب جي شهر چنيوٽ جي رهواسي کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس موجب عوام کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ ڌاڙيلن جي فيڪ ڪال يا مسيجز، سستي گاڏي، چوپايو مال ۽ دوستي يا شادي جي دوکي بازي کان پاڻ بچايو ۽ ٻين کي بچايو. ڌاڙيلن جي ڪوڙن جهانسن ۾ اچي پاڻ کي اوهان ڌاڙيلن هٿان اغوا نہ ڪرايو.

بقايا 45

جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران لاش پراڻي نيشنل هاءِ وي تي رکي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي آهي. ڳوٺ نهال سوهو واسي نوجوان نظر حسين سوهو کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جو قتل ڪيس داخل نہ ٿيڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران لاش رکي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڪوٽڏيجي پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ واقعي جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو جاچ ڪري رهيا آهيون جلد جوابدار گرفتار ڪيا ويندا.

بقايا 46

سعيد شيخ درڙي ٿاڻي جي حد باقراڻي روڊ الله والي مسجد پرسان هڪ هفتو اڳ ڦرمزاحمت تي زخمي ٿيڻ بعد هڪ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ جي خانگي اسپتال ۾ فوت ٿي ويل هندو واپاري سنجي ڪمار فرزند آريان ڪمار، سالي ساحل سميت ٻين وارثن سان ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ڪاشف سعيد شيخ ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيو تہ هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود وچ شهر ۾ قتل ۽ زخمي ٿيندڙ هندو نوجوانن جي قاتلن کي اڄ تائين پوليس گرفتار ناهي ڪيو سنڌ حڪومت بيان بازي کان اڳتي وڌي ڪري لاڙڪاڻي سميت اپر سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ ڏوهارين خلاف جوڳا قدم نہ کنيا تہ عوام حڪمرانن جو گهيرائو ڪندو. لاڙڪاڻو جيڪو هڪ پُرامن شهر هوا اڄ ان کي بہ هتان جي چونڊيل نمائندن ۽ سنڌ پوليس پنهنجي نااهلي جي ڪري ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي ڪچي وانگر ڏوهارين جو ڏيهہ بڻائي ڇڏيو آهي. موٽر سائيڪل جي ڦر واري ڪُوڙي ڪيس ۾ جي ڊي اي اڳواڻ ۽ اڳوڻو وفاقي وزير غلام مرتضيٰ جتوئي تہ گرفتار ٿي سگهي ٿو پر شهر اندر سرعام ڌاڙا اغوا ۽ قتل ڪندڙ ڏوهاري سنڌ پوليس کان ڌاڙيا آهن. جماعت اسلامي سنڌ جي امير وڌيڪ چيو تہ وارڊات کي هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود سنجي ڪمار جي قتل واري واقعي ۾ ڪابہ اڳڀرائي نہ ٿي آهي، وارثن ۽ هندو پنچائت جي چيئرمين پوليس مٿان بي اعتمادي ظاهر ڪئي آهي. پوليس جي نااهلي جي ڪري هڪ نوجوان قتل جڏهن تہ ٻيو موت ۽ زندگي جي چئوواٽي تي پيل آهي. پر پوليس هن مهل تائين بہ ڇڙو بيان بازي کان سواءِ ڪک پچي ٻيٺو ناهي ڪيو جماعت اسلامي سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، اغوا انڊسٽري ۽ شهرين جي قتل وارن واقعن خلاف ميدان ۾ لٿل آهي، سکر ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس، ايس ايس پي آفيسز ٻاهران احتجاجي مظاهرن کان وٺندي شڪارپور ڪندن باءِ پاس تي احتجاجي ڌرڻو اسان جي جدوجهد جو ثبوت آهن. اسان ڪنهن بہ صورت ۾ ولين، صوفين ۽ درويشن جي ڌرتيءَ سنڌ کي ڏوهن جو ڏيهہ بڻجڻ نہ ڏينداسين ان سلسلي ۾ عوام کي اپيل ڪريون ٿا تہ هوءَ ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانن خلاف جماعت اسلامي جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏين تہ جيئن کين ڌاڙيل راڄ کان نجات ۽ تحفظ ملي سگهي. جماعت اسلامي ورثاءِ ۽ هندو پنچائيت جي ان مطالبي جي پُرزور حمايت ٿي ڪري تہ هن واقعي ۾ ملوث قاتلن خلاف دهشتگردي جا ڪلمز شامل ڪيا وڃن ڇاڪاڻ سنجي ڪمار جي قتل ۽ رونق آهوجا کي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ وارا ٻئي واقعا واقعا دهشتگردي وارا آهن. پوليس ڏوهارين خلاف ايف آءِ آر ۾ دهشتگردي جا ڪلمز شامل نہ ڪري وڏي زيادتي ڪئي آهي.

بقايا 47

کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ جامشورو طرفان ريلي ڪڍي وئي ٻولي کي درجو ڏيارڻ لاءِ نعريبازي جامشورو سنڌي ادبي سنگت جامشورو شاخ ۽ ايس يو پي جامشورو جي سهڪار سان شهر کان احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب جامشورو اڳيان مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد صديق جويو محمد ايوب جوٽيجو غلام محمد گاڏهي فهيم نوناري يوسف جويو سنگهار اصغر قريشي چنيسر ٽيوٽو اين بي ڪوسو سردار چنا پير بخش سهاڻ جاويد شورو قادر بخش پلائي ربنواز ابڙو ۽ ٻين چيو تہ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي ان کي دفتري طور شامل ڪيو وڃي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي ۾ سليبس نٿو پڙهايو وڃي ان اسڪولن کي ٻولي پڙهائڻ جو پابند بڻايو وڃي هن ٻولي کي عالمي سطح طور ٻولين جي ڀيٽ ۾ آندو وڃي سڄي سنڌ اندر روڊن رستن آفيسن جي لڳل بورڊن تختيون سنڌي ٻولي ۾ لکيون وڃن هنن چيو هتي اسان جي ٻولي سان ماٽيلي ماءُ واري سلوڪ رکيو پيو وڃي اهڙو ورتاءُ تي سنڌي قوم هر گز برداشت نہ ڪندي

بقايا 48

مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سڄي سنڌ جيان جامشوري ۾ بہ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ جامشورو طرفان ريلي ڪڍي وئي ٻولي کي درجو ڏيارڻ لاءِ نعريبازي ڪئي. سنڌي ادبي سنگت جامشورو شاخ ۽ ايس يو پي جامشورو جي سهڪار سان شهر کان احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد صديق جويو، فهيم نوناري، محمد يوسف جويو، محمد ايوب جوٽيجو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ غلام محمد گاڏهي، سنگهار اصغر قريشي، چنيسر ٽيوٽو اين بي ڪوسو سردار چنا، پير بخش سهاڻ، جاويد شورو، قادر بخش پلائي، ربنواز ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏئي ان کي دفتري طور شامل ڪيو وڃي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي کي مضمون طور پڙهايو وڃي، ان اسڪولن کي سنڌي ٻولي پڙهائڻ جو پابند بڻايو وڃي.

ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

NO. 10(1)SO(MECH:)/BHC Dated: 21-02-2025

تصحيح

بحوالا اشتهار نمبر 520/2025 روزاني ايڪسپريس ٽربيون ۾ بتاريخ 14_02_2025، روزاني وزڊم ۾ بتاريخ 2025_02_14، روزاني ڪاوش ۾ بتاريخ 2025_02_14، روزاني پاڪ ۾ بتاريخ 2025_02_14، روزاني ڪلياڻ ۾ بتاريخ 2025_02_14 تي نان اي ڊي پي اسڪيم (2024_25) "بينظير هاري ڪارڊ اسڪيم جي اجراء" بابت شائع ٿيل اشتهار.

ايس پي پي آر اي رول 18 جي شقن مطابق 15 ڏينهن جو جوابي وقت پورو نہ ٿيڻ سبب هاڻي واڪ دستاويزن جي خريداري، آڇون جمع ڪرائڻ ۽ کلڻ لاءِ تاريخ هيٺ ريت پڙهي ۽ سمجهي وڃي.

تصحيح ۾ ڇاپايل تاريخ ۽ وقت	هاڻي پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي
واڪ دستاويزن جي خريداري جي تاريخ 2025_02_28 تي صبح 10:00 وڳي تائين	واڪ دستاويزن جي خريداري جي تاريخ 2025_03_10 تي صبح 10:00 وڳي تائين
آڇون جمع ڪرائڻ جي تاريخ 2025_02_28 تي صبح 10:00 وڳي تائين	آڇون جمع ڪرائڻ جي تاريخ 2025_03_10 تي صبح 10:30 وڳي تائين
آڇون کلڻ جي تاريخ 2025_02_28 تي صبح 11:00 وڳي	آڇون کلڻ جي تاريخ 2025_03_10 تي صبح 11:00 وڳي

کلڻ جو هنڌ ۽ شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويزن ۾ ڇاپايل ساڳيا برقرار رهندا.

سيڪشن آفيسر (B&A)
ايگريڪلچر سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ

INF-KRY/602/2025

پڙهندي سنڌ تہ ••••• وڌندي سنڌ

WORKERS WELFARE BOARD (SINDH)

پبلڪ نوٽيس

تازو پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا رپورٽن ۾ چيو ويو آهي تہ ورڪرز ويلفيئر بورڊ (WWBS) جا سيڪريٽري/ سي اِي او مزدورن جي حقن جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن ۽ فلاحي گرانٽ مان فائدو وٺندڙن کي اضافي تصديق ڪري فلاحي پروگرامن کي ختم ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا. هن ڳالهہ کي واضح ڪيو ٿو وڃي تہ ڪي بہ فلاحي قدم بند نہ ڪيا ويندا. ڪارڪنن جي حمايت لاءِ اسانجي ڪوشش جاري رهندي. واسطيدار ڊپٽي ڪمشنر جي رهنمائي ۾ قابل اعتماد ۽ قائم ضلعي انتظاميہ طرفان ڪئي ويندڙ اضافي تصديق جو عمل بدعنوان ۽ دوکيبازي جي گذريل دعوائن جي واقعن بابت مسئلن کي حل ڪري ٿو ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻائي ٿو تہ جائز ڪارڪنن کي فائدا ۽ گرانٽس مختص ڪيون وڃن. جيڪي ماڻهو هن عمل جي مخالفت ڪن ٿا، اهي اهڙا ماڻهو ٿي سگهن ٿا، جيڪي دوکيبازي جي دعوائن سان پنهنجي حاصل ڪيل فائدن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ورڪرز ويلفيئر بورڊ (سنڌ) فلاحي پروگرامن جي تاثير کي بهتر بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي نہ تہ انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ. هي تصديق جائز ڪارڪنن جي حقن جي تحفظ ۽ دوکيبازي جي خلاف وڙهڻ جي اسانجي مقصد مطابق آهي. ميڊيا ۽ سوشل نيٽ ورڪس تي گردش ڪندڙ ڪوڙا الزام ۽ دعويٰ بي بنياد ۽ ناجائز آهن.

بشير احمد چاچڙ، ايڊمنسٽريٽو آفيسر
ورڪرز ويلفيئر بورڊ سنڌ

اناللہ وانا الیہ راجعون

انتقال پرملال



کونسل آف پاکستان نیوز پیپرایڈیٹرز (سی پی این ای) رکن پبلیکیشن ''ماہنامہ روحانی ڈائجسٹ'' کے
چیف ایڈیٹر ڈاکٹر وقار یوسف عظیمی
کے اور ماہنامہ روحانی ڈائجسٹ کے بانی پبلشر اورایڈیٹرانچیف
خواجہ شمس الدین عظیمی
کے انتقال پر گہرے رنج کا اظہار کرتی ہے اور اللہ تعالیٰ سے دعا کرتی ہے کہ مرحوم کی مغفرت اور بلندی درجات فرمائے اور پسماندگان کو صبر جمیل عطا فرمائے۔ آمین

CPNE
کونسل آف پاکستان نیوز پیپرایڈیٹر

سجاول ۾ مندر جي پلاٽ تان تڪرار تيز، اڏاوت کان روڪڻ تان عورتن جي تذليل، وڊيو وائرل

مندر جي واڌاري لاءِ ديوار ڍاهڻ دوران پلاٽ تي ٺهيل گهر جي رهواسي عورتون موقعي تي پهچي ويون

عورتن پاران مندر جي ديوار ڍاهڻ کان روڪڻ دوران، انهن کي زوري ۽ گهلي ڪيڻ جي وڊيو وائرل ٿي وئي

انسان جي ناتي عورتن کي رهڻ ڏنو، هاڻي قبضو ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي: هندو پنچائت جو موقف

سجاول:مندر واري پلاٽ تي ٺيل اڏاوت کي ڍاٺو پيو وڃي، ٻي پاسي عورت کي گهليو پيو وڃي

سجاول (رپورٽر) سجاول ۾ مندر جي پلاٽ جو تڪرار شدت اختيار ڪري ويو آهي. مندر جي واڌاري لاءِ ديوار ڍاهڻ دوران، مندر جي پٽي پلاٽ تي ٺهيل گهر جي رهواسي عورتون پهچي ويون. /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

نئون ديرو جي ڳوٺ پوٽ خروس واسين جو زمين تي قبضو ٿيڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نئون ديرو لڳ ڳوٺ پوٽ خروس جي رهواسين بااثر قبضا مافيا پاران ملڪيت ۽ زمينن تي مبينا قبضي ٿيڻ خلاف/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

هالاڻي ۾ ساس پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ريلي

ريلي جي اڳواڻي شريف سومرو، اقبال گاڏهي، شاهنواز نانگور، حبيب الله هاليپوٽو ڪئي

هر صوبي جي ماڻهن کي پنهنجي امڙ جي لولي واري ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي: اقبال گاڏهي

ڪئنال ڪڍي سنڌ جي سرسبز زمينن کي بنجر بڻائي ۽ سنڌي قوم کي بکيو اڃيو رکي بک بدحالي جي ور چاڙهيو پيو وڃي: شاهنواز نانگور

هالاڻي (اقبال گاڏهي) هالاڻيءَ ۾ سموريءَ سنڌ جيئان سنڌي ادبي سنگت مرڪز سنڌ طرفان پهرين فيبروري کان ايڪيهه فيبروري تائين سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ واري مهم جي سلسلي ۾ ۽ سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

پريس ڪلب گمبٽ
گمبٽ: جساف پاران عامر عمراڻي جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ ۾ جساف جو احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

عامر عمراڻي جي گرفتاري خلاف هالار پيرزادو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

عامر کي ترت آزاد نه ڪيو ويو ته احتجاج کي سخت ڪيو ويندو: هالار پيرزادو

گمبٽ (ن پاڪ) جساف جي اڳوڻي شاگرد اڳواڻ ايڊووڪيٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

گذريل 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند آهن، پريشان آهيون: سرفراز چنا

ملازمن خودڪشين تي مجبور آهن، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: اعجاز

دادو:(ڊ ر) سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي ملازمن/ڏسو صفحو 2 بقايا 5

وفاق ڪنهن به صوبي جو حق غصب نٿو ڪري سگهي: لالا سيف

شهباز سرڪار کي سنڌ جي حقن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پيپلز ليبر بيورو سکر سٽي جي صدر لالا سيف ۽ جنرل سيڪريٽري آغا بشير ترين، سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميئر سکر/ڏسو صفحو 2 بقايا 6

مڇي جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سان مهاڻن لاءِ معاشي وسيلا پيدا ڪري سگهجن ٿا: اير علي ملڪاڻي

ٺٽي ۾ ڪينجهر ڍنڍ ۾ مڇي جو تعداد وڌائڻ لاءِ 35 لک ٻج وجهنداسين: فشريز کاتي وارو صوبائي وزير

مهاڻا پابندي مڙهيل جار استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪن جيئن وڌيڪ وڏي تعداد ۾ مڇي ملي سگهي

هي منصوبو جديد سائنسي ضرورتن تحت فشريز کاتي جي نگراني هيٺ مڪمل ڪيو ويو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز واري کاتي جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻيءَ چيو آهي سنڌ ۾ مقامي سطح مڇي جو ٻج تيار ڪرڻ لاءِ فشريز کاتي پاران مختلف منصوبن تي ڪم هلي رهيو آهي ته جيئن مڇي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

MR.MUHAMMAD ALI MALKANI
DR.KAZIM HUSSAIN JATOI
ڪراچي: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي فش فارم جو افتتاح ڪندي، ٻي پاسي دورو ڪري رهيو آهي

ڪي اين شاهه پريس ڪلب پاران اديب ۽ ليکڪ بخت حسين ٻرڙو جي سالگرهه ملهائي وئي

بخت حسين ٻرڙو سنڌي ماڻهن جو پيرڇهلو آهي: ساجاهه وند

بخت حسين ٻرڙو ڪهاڻيءَ جي جهان جو وڏو نالو آهي: لال شاهه ۽ ٻين جو خطاب

خيرپور ناٿن شاهه رپورٽر (قربان علي ٻگهيو) خيرپور ناٿن شاهه سنڌ جي بهترين ڪهاڻيڪار، اديب، دانشور تعليمي ميدان ۾ وڏي مڃتا /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ڊي اي پي ڊي ڪامورن ترقي لاءِ ٻيهر اجلاس سڏائي ورتو

35 ورهين کان ترقيون نه ملڻ تي استاد ۽ ننڍا ملازم سراپا احتجاج بڻيل

حق نه مليو ته ملازم اسپيشل ٻارن کي ساڻ ڪري سخت احتجاج ڪندا: احمد ابڙو

سکر (بيوروپورٽ) اسپيشل ٻارن جي تعليم ۽ بحالي جي کاتي DEPD سنڌ جي استادن ۽ ننڍن ملازمن کي 35 سالن کان پروموشن کان محروم رکڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

سکر پوليس 9 مقابلن ۾ ڏاڙيل سميت 14 ڌوهارين کي حراست ۾ ورتو ويو: ترجمان

گينگ برسٽ ڪيا ويا، 34 اشتهاري ۽ 81 مفرور جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

هڪ ڪار، 29 موٽرسائيڪل، 51 موبائل فونز هٿ ڪيا ويا: پڌري ڪيل ڪارڪردگي رپورٽ

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) ايس ايس پي سکر اظهر خان/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

سنڌي ٻولي
قومي ٻولي
پاران: سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي
هالاڻي: ساس پاران قومي ٻولي جي جاڳرتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سيتا روڊ ۾ سيپڪو جو بجلي چورن ۽ بل جمع نه ڪرائيندڙن خلاف آپريشن

آپريشن ۾ رينجرز، پوليس ۽ سيپڪو عملدارن حصو ورتو، شهرين کي وارننگ

شهر ۾ سرچ آپريشن ڪري 4 ڄڻن کان بل به قسط ذريعي رڪور ڪيا ويا

سيتا روڊ (منور اڪبر سولنگي) سيتا روڊ ۾ بجلي صارفين خلاف سخت ڪارروايون غيرقانوني ڪنڊا هلائيندڙ ۽ بقاياجات جمع نه ڪرائيندڙ خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ميهڙ ۾ سگا جو ڪردار ڪانفرنس ۽ اکين جي ڪئمپ جو افتتاح

سگا هميشه سماجي خدمتن ۾ پاڻ ملهايو آهي: امتياز پاشا ڀٽ

سگا جو روشن تارا اسڪول تعليم جي ميدان ۾ وقتائتو قدم آهي: احمد حسن

ميهڙ(رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ ۾ سماج ۾ سگا جو ڪردار ڪانفرنس ٿي، سگا پاران مفت اکين جي ڪئمپ جي افتتاحي تقريب به ٿي، سگا پاران مفت/ڏسو صفحو 2 بقايا 24

لکي پرسان پير سلطان شاهه ابراهيم جو عرس مبارڪ ملهايو ويو

مزار تي چادر چاڙهڻ واري تقريب ۾ مريدن ۽ عقيدت مندن جي شرڪت

فنڪارن صوفي راڳ ڳائي ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو

لکي غلام شاهه(رپورٽ گوگي رام) لکي غلام شاهه ويجهو وزيرآباد روڊ تي پير سلطان شاهه ابراهيم جو 378 ساليانو عرس مبارڪ عقيدت ۽ احترام /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

ڏهرڪي ۾ ملڪ برادري جو بااثر جي خلاف احتجاج

بااثر پراپرٽي تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي: اختر/ منير احمد

اسان جي زندگين کي خطرو آهي، تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) ڏهرڪي گلاب شاهه ڪالوني جا رهواسين ڪوٻر برادري جي بااثر پاران پراپرٽي تي قبضي خلاف احتجاج ڪيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ساس شاخ پاٽ شريف پاران آڪاش انصاري ۽ ذوالفقار سيال جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو، ڀيٽا

آڪاش انصاري ۽ ذوالفقار سيال جي وڇوڙي سان سنڌ جو وڏو نقصان ٿيو آهي: ساس

آڪاش انصاري سنڌي ادب جو وڏو ستارو ۽ سنڌ جو مزاحمتي شاعر هو: گلزار ڪلهوڙو/ خالد حسين

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادب لاءِ اڻ ڳڻيا ڪم ڪيا جن کي هميشه ياد رکيو ويندو: خطاب

پاٽ شريف (ن پاڪ)سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران ڊاڪٽر آڪاش انصاري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو ۽ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي وئي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

پاران: سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف
پاٽ شريف: سنڌي ادبي سنگت پاران ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪي جو ڏيک

سيٺارجه پريس ڪلب جي نئين باڊي چونڊي وئي، حسين بخش کٻر صدر ٿي ويو

سيٺارجا (اشفاق احمد شيخ)پريس ڪلب سيٺارجا جي نئين/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

نصيرآباد لڳ برانچ ڳوٺ قبول تيوٽا پاران مقامي قبرستان جي صفائي ڪرائي وئي

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) نصيرآباد لڳ برانچ ڳوٺ قبول /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

لاڙڪاڻي ۾ وطن دوست مزدورن فيڊريشن پاڪستان پاران درياهه تي ڏاڙي ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

ليبر هال لاهوري محلا کان نڪتل احتجاجي ريلي جناح باغ پهتي، مظاهرين پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي ڪئي

درياهه تي ڏاڙو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين، فيصلي کي هر صورت واپس وٺڻو پوندو: زوار گوپانگ

سنڌ ويلفيئر بورڊ اسڪيمن کي فورن بحال ڪري پورهيتن کي جائز حق فراهم ڪيا وڃن: اڳواڻن جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ وطن دوست مزدورن فيڊريشن پاڪستان طرفان سنڌو درياهه مٿان 6 ڪئنال اڏڻ، ڪارپوريٽ فارمنگ جي ذريعي سنڌ جي زمين ڪمپنين کي ڏيڻ، سنڌ ورڪرز ويلفيئر بورڊ طرفان مزدورن کي/ڏسو صفحو 2 بقايا 32



اُروشي روٽيلا ٽن منٽن جي پرفارمنس لاءِ 3 ڪروڙ معاوضو ورتو

اروشي روٽيلا جي مجموعي مالي اثاثن جو ڪاٿو 236 ڪروڙ رپيا لڳايو ويو آهي

اداڪارا جي مقبوليت آهي، انسٽاگرام تي 7.3 فالوورز آهن: ڀارتي ميڊيا

ممبئي (شوبز نيوز) ڀارتي اداڪارا اُروشي روٽيلا تازوئي رليز ٿيل تيلگو فلم "ڊاڪو مهاراج" سبب سرخين ۾ آهي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب،/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

ماڻهو خواب هميشه پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڏسندو آهي: سليم ميمڻ

سنڌي ماڻهن کان سندن خوابن جي ٻولي نه کسي وڃي

هر ماڻهو کي مادري ٻولي بچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: شائسته تبسم

ڪراچي اوير (رپورٽ آزاد نوناري) ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سنڌي شعبي /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

ڏهرڪي ۾ صحافين جي پيڪا ايڪٽ خلاف ريلي، نعريبازي

پاڪستان واحد ملڪ آهي جتي عوام کان ساهه کڻڻ جو حق به کسيو پيو وڃي: لالا قادر پتو

حڪمران من پسند پيڪا قانون ٺاهي صحافين کي حراسان ڪري رهيا آهن: اجيت ڪمار

پيڪا ايڪٽ جي واپس ٿيڻ تان احتجاج جو سلسلو جاري رهندو: محمد اسلم حسيني

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) پاڪستان يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي قيادت جي سڏ /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

احتجاج احتجاج احتجاج احتجاج
پيڪا ايڪٽ ترميم نامنظور
ڪالا قانون نامنظور
منجانب: گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس گهوٽڪي
ڏهرڪي: صحافي برادري پيڪا ايڪٽ جي خاتمي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

يوسي شاهه مريد ۾ پاڪستان خاصخيلي تنظيم جي اليڪشن، وحيد خاصخيلي صدر ٿي ويو

گڏاپ(رپورٽ) پاڪستان خاصخيلي تنظيم جو مرڪزي صدر منٺار خاصخيلي پنهنجي ٽيم سان گڏ جي تنظيم سازي جي حوالي سان ڪراچي /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

غير قانوني ٻانڊي ٽول پلازا خلاف مختلف ڌرين پاران احتجاجي ريلي

جماعت اسلامي، شيعا علماءِ ڪائونسل، جماعت علماءِ اسلام جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ريلي ڪڍي

ٻانڊي مهراڻ هاءِ وي تي لڳل ٽول پلازا غير قانوني آهي جنهن کي اسان رد ڪيون: مولانا افتخار احمد عباسي

غير قانون ٽول پلازه قبول ناهي، عوام دشمن فيصلن کي ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو: خطاب

درياخان مري(ن پاڪ) ٻانڊي مهراڻ هاءِ وي سکر نوابشاهه روڊ خانڻ شاهه پرسان غير قانوني ٽول پلازا لڳڻ خلاف جماعت علماءِ اسلام ۽ جماعت اسلامي ۽ شيعا علماءِ ڪائونسل پاران صاحبزاده علامه مولانا افتخار احمد عباسي ۽ امير جماعت اسلامي نوابشاهه طارق جاويد آرائين محمود احمد امير جماعت ٻانڊي/ڏسو صفحو 2 بقايا 8

پٽ شاهه: پوليس پاران پڪڙيل منشيات فروش عورت

سيشن جج لاڙڪاڻي پاران ڏوڪري جو دورو، وڪٽاري مهر حوالي سان ٻوٽا پوکيا

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سمڪان مغل سول ۽ جوڊيشل ڪورٽ جو دورو پڻ ڪيو

جج سان وڪيلن جي ملاقات درپيش مسئلن کي هر صورت ۾ حل ڪرڻ جي خاطري

ڏوڪري (قاضي سهيل) ڏوڪري ۾ لاڙڪاڻو جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سمڪان مغل جي ساليانو انسپيڪشن جي سلسلي ۾ سول ۽ جوڊيشل ڪورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

مليربار پاران حيدرآباد وڪيلن جي حمايت ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو

بار هميشه حق ۽ سچ جي جدوجهد ڪندڙن سان گڏ آهي: اياز چانڊيو

انشاءَالله جلد وڪيل برادري جدوجهد پنهنجو رنگ لائيندي: ڳالهيون

ملير (ڊ ر) ملير بار ايسوسيئيشن پاران حيدرآباد جي وڪيلن سان اظهار يڪجهتي ڪندي سندن حمايت ۾ قرارداد پاس ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ ملير/ڏسو صفحو 2 بقايا 10

پٽ شاهه ۾ منشيات رکڻ جي الزام ۾ عورت گرفتار

پٽ شاهه (ن پاڪ) پٽ شاهه ۾ پوليس ڪارروائي دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ڪوٽڙي ۾ شهرين پاران پاڻي کوٽ خلاف ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو، ٽائرن کي باهه

مختلف علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف شهري احتجاجن رستن تي اچي ويا، نعريبازي

اسان جي لاڳاپيل علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي ناهي اسان سخت پريشان آهيون: شهرين جي دانهن

ٽينڪر مافيا جي من ماني وڌي وئي آهي، ڳرا پئسا ڏئي پاڻي خريدڻ جي اسان کي سگهه ناهي

ڪوٽڙي(رپورٽ عبدالخالق چانڊيو) ڪوٽڙي ميونسپل ٻولهاڙي ڪوٽڙي جي مختلف علائقن پٽائي ننگر خورشيد ڪالوني ٻهر بس اسٽاپ مسڪين/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڪڪڙ:متاثر دڪاندار جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي دانهي رهيا آهن

ڪڪڙ پوليس ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار ناهن ڪيا: دڪاندار

4 ڏينهن گذرڻ باوجود جوابدار سرعام آزاد گهمي رهيا آهن: خادم ٻير

ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ملي رهيون آهن، تحفظ ڏنو وڃي: پريس ڪانفرنس

ڪڪڙ (ن پاڪ)ڪڪڙ ۾ ڦر ۽ دڪان تي حملي ڪيس جا جوابدار پوليس جي گرفتاري کان آجا متاثر ڌر فرياد کڻي پريس تي پهتا دڪاندار خادم /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

نيوسعيدآباد ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار ڪليل ڪاچري تيل جو وڪرو جاري

ڪليل آئل جي واپرائڻ سبب ڪيترائي ماڻهو مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا

سوين ليٽر ڪليو آئل دڪاندار سستي ريٽ تي خريد ڪري ٻيٽي اگهه تي وڪرو ڪري رهيا آهن: شهري

ساجاهه وند ڌرين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد شهر ۾ انساني صحت لاءِ هاڃيڪار ڪليل آئل جو وڪرو بند نه ٿي سگهيو، ميڊيا ۾ خبرون هلڻ باوجود ڪنهن به نوٽيس نه ورتو حيدرآباد ۽ ٽنڊو آدم کان ڊاٽسن ذريعي/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ريلوي ورڪرز يونين جي مرڪزي چيئرمين منظور احمد رضي پاران آرمي چيف جي بيان جي آجيان

ڪراچي(پ ر) ريلوي ورڪرز يونين جي مرڪزي چيئرمين منظور احمد رضي آرمي چيف پاران ڪامريڊن جي انداز ۾ جنگ وڙهڻ جي بيان جي آجيان ڪندي چيو آهي ته آرمي چيف جي بيان مان ثابت ٿي ويو آهي ته ڪامريڊ جو نظريو اهم آهي. هن چيو ته ميڊيا ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ کابي ڌر سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي ضرورت آهي، ان حوالي سان کابي ڌر جو ڪوئي ٽي وي چينل، اخبار يا ميگزين هجڻ گهرجي، سمورن ڪامريڊن کي ان ڳالهه تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ پليٽ فارم قائم ڪرڻ گهرجي.

ميهڙ: ساس پاران قومي ٻولي جي جاڳرتا حوالي سان احتجاج ڪيو پيو وڃي

آڪاش انصاري جو خالي ٿيل خال پرڻ مشڪل آهي: سگا بدين

آڪاش انصاري جي بي وقتائتي موت تي سنڌ ڏکاري آهي: ڊاڪٽر طفيل چانڊيو

هن جي شاعري اتساهه پيدا ڪندي رهندي: نقاش علواڻي ۽ ٻين جو خطاب

بدين(ڊر) سگا طرفان بدين ۾ ايوان صحافت جي سهڪار سان ناماياري شاعر آڪاش انصاري جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

هالا ٽائون چيئرمين جي صدارت ۾ اجلاس، ترقياتي ڪمن تي غور ويچار

وارڊن جا رهيل ڪم پڻ تمام جلد مڪمل ڪرائبا: زوار گل محمد

وارڊ چار جي بيمار ڪائونسلر جبار مهر جي صحتيابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) ترقياتي اسڪيمن جي حوالي سان چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا زوار گل محمد پنهور جي سربراهي هيٺ اهم /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

عمرڪوٽ لڳ سماجي تنظيم پاران ڪيريئر ڪائونسلنگ ليڪچر

جوڳي ينگ اتحاد قبيلي کي تعليم جي ميدان ۾ اڳڀرو ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي: سڪندر

تقريب جي آخر ۾ سوڍو جوڳي، ناگيش ڪمار جوڳي ۽ ٻين کي ميڊل ۽ ايوارڊ ڏنا ويا

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) عمر ڪوٽ ٿر جي پسمانده علائقي ۾ جوڳي ينگ اتحاد سنڌ طرفان جوڳي سجاڳ تنظيم جي نگراني ۾ تعلقي/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

حيدرآباد: نالي وارو ڪالم نگار، ليکڪ ۽ هاءِ ڪورٽ ايڊووڪيٽ عبدالوهاب منشي کي جستجو فائونڊيشن طرفان شاندار سماجي خدمتن تي ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ چانڊڪا پاران انڊو اسڪوپي ورڪشاپ منعقد

ورڪشاپ ۾ لاهور، ڪوئيٽا ۽ ٻين شهرن مان ماهر ڊاڪٽرن پڻ شرڪت ڪئي

ڊاڪٽرن پاران شاگردن کي جيري، معدي ۽ وڏي آنڊي ۾ مبتلا 20 مريضن جو آپريشن ڪري سکيا ڏني وئي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج طرفان پاڪستان سوسائٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڏهرڪي ۾ جي يو آءِ جو ڪئنالن جي اڏاوت خلاف احتجاج

درياهه تي ڏاڙو ڪنهن به صورت قبول ناهي: مولانا سعود افضل

ڪئنالن معاملي سان سنڌ جي عوام سان هر فورم تي گڏ آهيون

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) جمعيت علماءِ اسلام ڏهرڪي جي اڳواڻن اعلي قيادت جي حڪم تي نيشنل پريس ڪلب ڏهرڪي پهچي احتجاج /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

چوپايو مال معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت آهي: عمران الحسن

9853 جانورن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ويڪسين ڪئي وئي آهي: ڊي سي

مالوندن کي کيرءَ گوشت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ دوائون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون

سانگهڙ(رپورٽ آفتاب مري) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

ميهڙ ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي جاڳرتا مهم سلسلي ۾ ريلي

ايس يو پي، ساس ۽ صحافين، اديبن، شاعرن ۽ ٻين ريلي ۾ شرڪت ڪئي

سنڌي ٻولي کي بچائڻ جي لاءِ ميدان تي نڪرڻو پوندو: اڳواڻن جو خطاب

ميهڙ(رپورٽر) سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ميهڙ ، سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ، پريس ڪلب ميهڙ/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

لاڙڪاڻي ۾ رڪشه ڊرائيور ليبر يونين پاران بدامني ۽ ايل پي جي قيمت ۾ واڌ خلاف ريلي

اولڊ بس اسٽينڊ کان رڪشائن کان ريلي نڪتي، گلزار، انور علي جتوئي ۽ ٻين اڳواڻي ڪئي

ايل پي جي گئس جي قيمتن ۾ هٿرادو واڌ ڪري 280 روپيه في ڪلو وڪرو ڪئي پئي: گلزار/ نظام

بدامني چوٽ چڙهيل آهي، روزانو ڦرون ٿي رهيون آهن، پوليس ڪٿي به نظر نه اچي رهي آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ رڪشه ڊرائيور ليبر يونين/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

گڊ لڪ گرامر هاءِ اسڪول ۾ 10 ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مان ۾ الوداعي تقريب

هن اسڪول ۾ پڙهندڙ اهم عهدا ماڻي چڪا آهن: پرنسپل

تعليم انسان جي ٽئين اک آهي، محنت ڪرڻي پوندي: خطاب

قاضي احمد (غلام حسين راهو) گڊ لڪ گرامر هاءِ اسڪول قاضي احمد خان صاحب ڪالوني جي پرنسال سر رضوان مهر پاران 10 ڪلاس جي شاگردن ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

GOOD LUCK
GRAMMAR HIGH SCHOOL
Farewell
قاضي احمد: گڊ لڪ گرامر هاءِ اسڪول ۾ ٿيل الوداعي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪندي

برادري جا ماڻهو سڱ روڪيون ويٺا آهن: حاجي خان چانڊيو

سڱ روڪي خون خرابو ڪرڻ چاهن ٿا جيڪا نه ٿا ڪرڻ چاهيون

پرڻيل سڱ واپس ڪرائي ڏنو وڃي: اعليٰ اختيارين کان مطالبو

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) فريدآباد ۾ پنهنجي برادري جا ماڻهو سڱ روڪيون ويٺا آهن- سڱ روڪي خون خرابو ڪرڻ چاهن ٿا /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

مکي فيسٽيول اڄ کان شروع ٿيندو، ملاڪڙو، اٺن جي ڊوڙ ۽ ٻيڙين جي ريس ٿيندي

چوٽيارين (رپورٽ سيد لعل خان شاهه)مکي فيسٽيول اڄ /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

واپاري ايسوسيئيشن چوهڙ جمالي پاران بدامني جي خاتمي لاءِ پوليس کي ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم

بدامني چوٽ چڙهيل آهي، چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن: محمد صديق نوراني

منشيات وڪرو وڌي ويو آهي، بجلي ۽ گئس سميت ٻين مسئلن ڪلي منهن ڏيون پيا: نياز ميمڻ

ايس ايس پي فورن معاملي جو نوٽيس نه ورتو ته اڳاري تي ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو: پريس ڪانفرنس

چوهڙ جمالي (ن پاڪ) واپاري ايسوسيئيشن چوهڙ جمالي پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني منشيات جي عام وڪري بجلي ۽ گئس جي بحران خلاف پريس ڪانفرنس ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم مسئلاحل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو چتاءُ واپاري ايسوسيئيشن چوهڙ جمالي جي صدر محمد صديق نوراني ميمڻ حافظ فضل الله ميمڻ جواد جميل ڪنير نياز ميمڻ حافظ سعود ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ واپاري ايسوسيئيشن آفيس ۾ هنگامي اجلاس ڪوٺائي پريس ڪانفرنس ڪئي وئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

ملير: ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ٿيل ڀارتي ماهيگير

ڊسٽرڪٽ جيل ملير مان 22 ڀارتي ماهيگير آزاد، لاهور روانا

مهاڻن کي ايڌي فائونڊيشن سهڪار سان بس ذريعي لاهور موڪليو ويو

هن وقت وڌيڪ 198 ڀارتي ماهيگير سزا ڪاٽي ڪري رهيا آهن: ارشد شاهه

ملير (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ جيل ملير مان 22 ڀارتي ماهيگيرن کي آزاد ڪيو ويو آزادي ماڻيندڙ ماهيگيرن کي سرڪاري اداري جي نگراني ۾ ايڌي فائونڊيشن جي سهڪار سان بس ذريعي لاهور موڪليو ويو جتان ڀارتي ماهيگير واهگا بارڊر جي ذريعي پنهنجي وطن ويندا. ان موقعي تي جيل سپرنٽنڊنٽ ڊسٽرڪٽ جيل ملير ارشد شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

مٽياري ۾ حيسڪو جي کليل ڪچهري، مسئلن جي حل جي خاطري

ميمبر بورڊ آف روينيو شاهه زمان شاهه، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيدرآباد فيض الله ڏاهري ۽ ٻين مسئلا ٻڌا

کليل ڪچهري ۾ ماڻهن بجلي جي اضافي بلن، اوور ريڊنگ، ڊڊيڪشن سميت ٻين شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

عوامي شڪايتون اعلي اختيارين تائين پهچائي ڪين فوري طور تي حل ڪرائي عوام کي رليف ڏنو ويندو: شاهه زمان شاهه

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ)وزير اعظم پاڪستان شهباز شريف ۽ پاور ڊويزن جي وفاقي وزير اويس لغاري جي خصوصي هدايتن تي مخدوم امين فهيم آڊيٽوريم هال ۾ بجليءَ جي مسئلن بابت کلي ڪچهري منعقد ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

مٽياري: حيسڪو عملدار کلي ڪچهري ۾ صارفين جا مسئلا ٻڌي رهيا آهن

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي